ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا



لڪشمڻ ڪومل

Akhil Bharat Sindhi Boli & Sahitya Sabha bestows 'A.J.Uttam Life Time Achievement Award' to Lakhmi Khilani, & Release of his book of Short Stories at St. Andrew Auditorium, Mumbai on 6th June 2014



Asha Chand, Sanjay Sippy, Sunder Agnani, Dr. Moti Prakash, Ram Buxani, Lakhmi Khilani, Ramesh Taurani, Ram Jawahrani and Chander Manghnani




Lakhmi Khilani speaking at Book Release function at Sindhu Youth Circle, Ulhasnagar on 7th June 2014, Nand Chhugani, Narain Bharti, Sunder Dangwani, Meena Gope Rupchandani & Hari Choithani

اِشاعت جو ڇٽيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا-١٤٤

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
سب ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

**Year-36** سال : ٣٦
**Vol-144** اَنڪ : ١٤٤
**(Oct - Dec. 2014)**
آڪٽوبر-ڊسمبر ٢٠١٤

في انڪ : ٥٠ رپيا
**Price Rs. 50/=**
**Annual Subscription Rs. 200/=**
**Life Subscription Rs. 2000/=**
پارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



## سلسلو

اَسانجي طرفان ٢؛ غزل، ڏيڍڪ/ واسديو نرمل ٥؛ ڪوتائون/ ڍولڻ راهي ٧؛ غزل/ لڪشمڻ ڏُبي ٨؛ غزل/ ڪيمن مولاڻي ٩؛ غزل/ گوپ ڪمل ١٠؛ غزل/ پڳوان نردوش ١٢؛ غزل/جئرام چمناڻي ’ديپ‘ ١٣؛ غزل/ ٺارو سي. گرناڻي ١٥؛ غزل/ گوپ گولاڻي ١٦؛ غزل/ سريچند ڏُبي ’جگري‘ ١٨؛گيت/ ڪي. ٽي. دادلاڻي ١٩؛ ڪوتا (نوان دستخط) - مُنهنجي جيون جو ڏيئو/ سيما پمياڻي ٢٠؛ واقفيت - ٢١؛ ڪوتا - سُڄاڻپ، پُرندڙ ريت/ لڇمڻ ڪومل ٢٣؛ غزل/ لڇمڻ ڪومل ٢٥؛ نظم - ماضي-حال-مستقبل/ لڇمڻ ڪومل ٢٧؛ ڊائريءَ جا صفحا/ لڇمڻ ڪومل ٢٨؛ ليک- سنڌي صوفي شاعري/ لڇمڻ ڪومل ٣١؛ ڪهاڻي - دراوڙ پراڻايام/ پڳوان اَٽلاڻي ٣٦؛ ڪهاڻي - لهڻي جو خواب/ لکمي کلاڻي ٤٦؛ تاثرات (گوپ ڪمل جو غزل سنگره) ’پن ڇڇڻ جو آواز/ اَرجن حاسد ٥٤؛ تبصرو (ڪوتائون) - اَرون ٻاٻاڻيءَ جي غفا/ نند جويري ٦٠؛ ڪَٿ - سنڌي ڪوتا جي سڌي راهه مان ڦٽندڙ پيچري جو اهڃاڻ. موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جو ڪتاب ’لائيف- چاڪليٽ-ڪوتا‘/ ستيش روهڙا ٦٢؛ توهان طرفان ٧٠؛ سنڌ جي اديبا ثميره زرين جي شيام جئسنگهاڻيءَ ڏانهن لکيل خط ٧٢؛

## اَسانجي طرفان

aman ki asha
INDO-PAK PEACE PROJECT



هن سال نوبيل پيس پرائيز پارت جي **ڪئلاش ستيارٿي** ۽ پاڪستان جي **ملالا يوسفزاءِ** کي ڏنو ويو آهي. ١٠ ڊسمبر ٢٠١۴ تي ناروي ملڪ جي راڄڌاني اوسلو ۾ آيوجن ڪيل هڪ شاهي جلسي ۾ هڪ شيلڊ، سونو ٻلو ۽ وڏي رقم ڀيٽ ڪري ٻنهي جو ڳڏيل سنمان ڪيو ويو. دنيا جي ڪيترن ملڪن مان آيل معزز شخصيتن اُٿي بيهي، تاڙين جي گڙگڙاهٽ سان سندن استقبال ڪيو.

ڪئلاش ستيارٿي ۽ ملالا يوسفزاءِ هند پاڪ جي اُپکنڊ ۾ ٻارن کي غلاميءَ واري زندگيءَ مان مڪت ڪرائي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيارڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي آهي. ٻنهي کي موتمار حملن جو به شڪار ٿيڻو پيو آهي. منچ تي انعام وٺڻ بعد هنن ٻنهي اعلان ڪيو ته ڪين حاصل ٿيل هيءَ انعامي رقم هو پنهنجي ديس جي ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪندا ۽ پنهنجو جيون به انهن جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ اَرپڻ ڪندا. هند پاڪ جي

هنن ٻنهي نمائندن درشڪن کي مخاطب ٿيندي اها ٻه پڌرائي ڪئي تہ ٻارن جي پوشيہ سڌارڻ واري هن اهم ڪاريہ لاءِ هو هڪ ٻئي کي پورو ساٿ سهڪار ڏيندا، جيئن ٻنهي ملڪن ۾ دوستاڻا ناتا قائم ٿي سگهن. آپسي لڙاين ۾ فوجن ۽ جنگي هٿيارن تي خرچ ٿيندڙ ڪروڙين اربين روپيا ٻنهي ملڪن ۾ ڦهليل بک، بي روزگاري، بيمارين ۽ بدامنيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا. وقت آيو آهي تہ ٻنهي ملڪن جا باشندا، سٺا پاڙيسري بڻجي امن ۽ چئن جي زندگي گهارين.

هن انعامي جلسي ۾ هزارن جي تعداد ۾ موجود درشڪن محسوس ڪيو تہ ملالا ۽ ڪئلاش هڪ ٻئي سان ڌي پيءُ جو پوتر رشتو پاڻ ۾ جوڙي ورتو هو. گويا هو ٻئي پنهنجي ملڪ جي عوام سان گڏ پنهنجي سياسي نيتائن کي بہ امن جو سڀو پيغام ڏيئي رهيا هئا تہ لڙائيءَ بجاءِ هاڻي ڪين صلح شانتيءَ جي واٽ اپنائڻي آهي. نفرت بجاءِ محبت ئي ٻنهي ملڪن جي سيني مسئلن جو حل آهي.

ڪئلاش ستيارٿيءَ گذريل ٽيهن سالن کان پنهنجي ڪڙي ڪيل سنسٿا **’بچپن بچائو آندولن‘** معرفت ديس جي ابهم معصوم ٻارن کي ڪارخن، کيتن، گهرن ۽ هوٽلن ۾ سريري پورهيو ڪرڻ، رستن تي بوٽ پالش ڪرڻ، بيک پنڻ جهڙي غلاميءَ واري ڪرت مان نجات ڏياري، کين تعليم حاصل ڪرڻ جو بنيادي اڌڪار وني ڏيڻ لاءِ ڪمر ڪشي پنهنجي لڙائي جاري رکي آهي. ڀارت ۽ ٻين ديسن جي اسي هزار بندي بڻائي رکيل ٻارن کي ڪال ڪوٺڙين مان آزاد ڪرائي، جس کٽيو آهي. ٻارن کي اغوا ڪري، سندن هٿ پير ڀڃي، رستن تي بيک پنائڻ ، ديهہ واپار لاءِ کين چڪلن ۾ وڪڻڻ، آتشبازي تيار ڪرائڻ جهڙا جوکم جا ڪم ڪرائڻ ، ٻارن جو ان نموني شوشڻ ڪندڙ غير سماجي عناصرن ستيارٿيءَ تي خوني حملا بہ پي ڪيا آهن. پر هن مانجهي مڙس، ٻارن جو مسيحا بڻجي سندن بچپن بچائڻ جو آندولن جاري رکيو آهي.

هڪ ملاقات ۾ ڪئلاش چيو آهي تہ مان پوڄا ڪرڻ لاءِ ڪنهن مندر ۾ ڪونہ ويندو آهيان. مان ٻارن جي پوڄا ڪندو آهيان. اُنهن ۾ ئي مونکي ايشور جي سچي سروپ جو درشن ٿيندو آهي.

١٧ سالن جي ننڍي عمر ۾ نوبيل پرائيز جهڙو وڏو انعام حاصل ڪندڙ ملالا يوسفزاءِ به هڪ عاليشان ڪارنامو سر انجام ڪيو آهي. پاڪستان جي اُتر اولهه واري سرحدي علائقي ۾ سرڪاري قانون بجاءِ طالباني بنياد پرستن جي حڪومت قائم آهي. اُتان جي پرده نشين عورتن ۽ نياڻين کي گهرڪان ٻاهر نڪرڻ ۽ تعليم لاءِ ڪنهن اسڪول ۾ وڃڻ تي سخت بندش آهي. ٢٠١٣-١٤ ورهين ۾ ملالا ان نادرشاهي فرمان جي انحرافي ڪرڻ جي جرئت ڪئي. پنهنجي جيڏين سرتين کي ساڻ وٺي بس ۾ اسڪول وڃڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي پڙهائي جاري رکي. ملالا جي ان بغاوتي سُرکي دٻائڻ لاءِ طالبانن هن تي موتمار حملو ڪيو. علاج لاءِ کيس ترت ائمريڪا کڻي ويا ۽ هوءَ موت جي منهن مان بچي ويئي. گذريل ٽن چئن سالن کان کيس پنهنجي حياتيءَ جو مقصد صاف چٽو نظر آيو آهي. پنهنجين اثراتين تقريرن ذريعي هن پنهنجي سوات گهاٽيءَ جي پٺتي پيل علائقي ۾ عورتن جي تعليم تي زور ڏيڻ، کين سندن بنيادي حق وٺي ڏيڻ لاءِ سڄي دنيا جو ڌيان ڇڪايو آهي، ۽ هنن اندر به بيداري پيدا ڪئي آهي.

لڳيتو انهن بنيادي پرست طالباني عناصرن کي ملالا کي نوبيل پرائيز سان نوازيو وڃڻ راس نه آيو آهي. هڪ هفتي بعد ١٦ ڊسمبر ٢٠١٤ تي پاڪستان جي تحريڪ - اي- طالبان جماعت بدلو وٺڻ لاءِ پشاور شهر جي هڪ سئنڪ اسڪول مٿان آتم گهاتي حملو ڪري، ١٣٢ معصوم بي گناهه ٻارن کي بمن، بندوقن سان اُڏت ماري ڇڏيو. ٻارن جي هن قتلام سڄي دنيا کي وڏو ڌڌڪو پهچايو آهي. انسانيت اڄ ڪيترو نه هيٺ ڪري وحشانيت جي سطح تي پهتي آهي.

ڪاش ڀارت ۽ پاڪستان پنهنجا پنهنجا اهم آپي وارخسيس بغضي ويچا وساري دهشت گرديءَ جي هن وڏي جنگ سان منهن مقابل ٿين. ڪئلاش ستيارٿي ۽ ملالا يوسفزاءِ 'امن جي آشا' جي هڪ منچ تي اَچي، هڪ ٻئي سان خوشگوار پيار جو ناتو جوڙي، اسانکي شانتي ۽ صلح جو سنديش ڏنو آهي.

هند پاڪ جا وچڙيل پائر ضرور سندن سڌ اونائي، هڪ ٻئي طرف دوستيءَ جو هٿ وڌائيندا - آمين !

## غزل / واسديو نرمل



ڀَل تہ ياريءَ جو فرض ادا نہ ڪريو،
دوستن سان، مگر، دغا نہ ڪريو.

باھہ مَڇندڙ نہ، جي، وِسائي سگھو،
ڪٿي وِچڙو اَوهين هوا نہ ڪريو.

پوءِ ماڻهو ھجن ڀَسون ڪِ ڀَڪي،
ڪنهن جي جوڙي ڪي، پَر، جُدا نہ ڪريو.

پنهنجي مَت تي هلڻ ڪڏهن سکندؤ؟
چو چئون ڇا ڪريو ۽ ڇا نہ ڪريو؟

ڪو تہ جيئڻ جي لءِ سھارو ھُجي،
وعدو پنهنجو ڀلي وفا نہ ڪريو.

آدميءَ کي ٺيڻ ڏيو اِنسان،
ڪيس ڀَڀيون ڏئي خدا نہ ڪريو.

ڪو تہ پاڙيو نہ، ڀُل ڀِر ئي نرمل
صرف وعدا وڏا وڏا نہ ڪريو.

(’ديوان نرمل‘ تان)

## ڏيڏڪ

١. ڌرتي ۽ آڪاس

ڪيڏا آهن دوُر تہ بہ اُفق تي ڪيڏو پاس!

٢. اُپ تي تارن ڍير،

سرمو پائن ٽا سيئي، پر اَک اَک جو ڦيرا!

٣. تارا ناهن موُر،

پَک آهن آڪاس جي سيني ۾ ناسوُر.

٤. ساجن ڄڻ ناريل،

پٿروانگر ٻاهران اندر ڄڻ رابيل.

٥. ٽانڊاڻن جي جوت

ڄڻ شاعرجي ذهن ۾ خيال جي ڳڻ ڳوت.

٦. ساجن تنهنجو نينهن

اِئن پورالو آهہ جئن چؤماسي جو مينهن.

٧. ڇَپَ تي ڪارو تِر

ڄڻ ڪنهن سرخ گلاب کي چُمي پيو ڪو ڀنئر!

٨. مِنڙا گُهر تہ گُهران ۽

موتي ڏي، مالها ڏيان ۽، گُل ڏي، هارُ ڏيان ۽ !

**Flat No.401, Mahran Society,**
**Gulmohar Cross Road No.12,**
**Juhu, Mumbai - 400049**



### مبارڪون

برک ڪهاڻيڪار ۽ شاعر شري گوپ آسودمل درياڻي ’ڪمل‘ کي سندس غزلن جي مجموعي سِج اڱيان ٻُڪ (2011) تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان سال 2014 لاءِ انعام عطا ٿيڻ تي.

**سنڌالاجي پريوار**



## ڪوتائون/ ڊولڻ راهي

١. ڦُلواڙيون سُڪنديون وڃن - گُل ڪونڌيُن ۾ قيد !
٢. نيتا ۽ جنتا لڳن، ڪاتي ۽ گدرو !
٣. سچ جي سامهون هل، پاڇو ايندءِ پوئتان !
٤. فرق مُڙس ۽ مڙد جو، سمجهي سگهندي زال !
٥. لت سان لوئين ڏوڙ، ڏوڙيو پوندءِ اکين ۾ !
٦. حقيقتون دلدل لڳن، سپنا شيش محل !
٧. هرڪو ڪپڙن ۾ ڍڪيل، هرڪو آ ننگو !
٨. هجي لوهه يا سونَ جي، پوءِ بہ تہ آ زنجير!
٩. ڪوڙُ مٽي نت رنگ روپ، سچ تہ الف ننگو !
١٠. سارُن جي صندوقڙي، سانڍيل پل انمول !
١١. ناريءَ جي نيڻن اندر، اننت جو آڀاس !
١٢. حمام ۾ ننگا سڀئي، ڪنهنڪان ڪهڙو شرم؟

### رباعي

دنيا مان وڃي ٿو سو سنڌي آهي
دنيا ۾ اَچي ٿو سو سنڌي ناهي
سو ڏينهن پوي هوند نہ ڏسڻو جڳ ۾
سنڌيءَ کان پڇن ڀار تہ 'سنڌي' ڇاهي؟

### قطع

پرسوز هانوَ سان جڏهن آلاپ ٿي ڪري
جذبات جو سمنڊ ٿو ڇُلي خاص و عام ۾
جهومڻ لڳي ٿي ڳائيندي جنهن وقت وجد مان
ڦوڪي ٿي روح عابده صوفي ڪلام ۾!

اڄ بہ ڏسان ٿو پنهنجو فوٽو
خود ڪي وڻندي ڪيڏو خوش ٿيان!
پر آئيني ۾ ڏسندي ئي
گُهنج ڏسي چهري جا چرڪان!

6, Sawar House, Srinagar Road,
Ajmer - 305007



## غزل / لڪشمڻ دُبي

دوست هوندي پڻ ڏُکڻ واجب نہ آ
غم اڪيلي سر سَهڻ واجب نہ آ

سمنڊ جو پاڻي ٻُجهائيندو نہ اُڃ
بحث ۾ اڳتي وڌڻ واجب نہ آ

هي اوهانجو آهہ شخصي مسئلو
خواهہ مخواهہ وِچ ۾ پوڻ واجب نہ آ

منتظر هرڪا نظر ڪِڪ تي پوي
دير سان ايڏو اَچڻ واجب نہ آ

ڇَوَڻ جي پڻ هڪ لِمِت هوندي اَٿوَ
هاڻ اڳتي ڪجهہ ڇَوڻ واجب نہ آ

ڪر اَنا جي ڏار کي ٽوري مُڏي
ايترو ڪنهنکي ڇُپڻ واجِب نہ آ

309/C, Natasha Soc., Opp. Old Petrol Pump,
Mira Bhayander Road, Bhayander (E)
(Mumbai) - 401 105.



## غزل / ڪيمن مولاڻي

(١)

تنهنجا منهنجا جهان پنهنجا هئا
وقت جا امتحان پنهنجا هئا.

ساهه هرڪنهن ڪنيو ٿي هڪ جهڙو
بي وسيون داستان پنهنجا هئا.

جن ڏنا هئا تناوَ جا تحفا
ويجهڙا مهربان پنهنجا هئا.

ور وڪڙ زندگيءَ جي راهن تي
خلق پاليا گمان پنهنجا هئا.

چلهه هڪ، ڪڙم رت به ساڳيو ته به
هر بشر جا رجحان پنهنجا هئا.

پل اسين هڪ زمين تي جاول
اَڄ الڳ حڪمران پنهنجا هئا.

ٿي ڇپائون ته هڪ ڏٺي آهي
پوءِ به گيتا قران پنهنجا هئا.

هن جياپي جي جنگ ۾ سڀَ وٽ
تير پنهنجا ڪمان پنهنجا هئا.

(٢)

چنڊ سج جي پٺ وڻان
روشنيءَ خاطر رلان.

تنهنجا پوپٽ نت نوان
رنگ ڪنهن ڪنهن جا ڏسان.

وهڪري ۾ وقت جي
ريت ٿو بڻندو رهان.

تون وڃين پر دل ڳڻي
تنهنجا ٿورا ٿي اَڄان.

فرق سچ ۽ ڪوڙ جو
ڪونه ٿو پرکي سگهان.

سڪ سوين پرديس ۾
پوءِ ملي پنهنجي ڪٿان؟

وڻ تان ساٿو پن ٽٽل
ڪئن پڇي پيلاڻ سان.

ڳل ڪري ڏيئو وڃين
ٿو اَڇين طوفان جان.

**A-New 14/134,**
**Bairagarh,**
**Bhopal - 462030**
**Mb. 094250-51715**

## غزل / گوپ ڪمل



- ا -

ڪا ننڍي ڳالهہ ئي مڇيندو ڪر
منهنجي سُپنن ۾ تون نہ ايندو ڪر

خرچ هن ۾ ٽڪي جو ڪين ٿئي
تون بہ ڪوڙا دِلاسا ڏيندو ڪر

دوست بڻجين نٿو، تہ دشمن ٿيءُ
اِئن نہ تون هيڪلو ڇَڏيندو ڪر

ڪوڙ تي چو ڦِڪو ٿئي چهرو
ڪنهن پڪي رنگ سان رڱيندو ڪر

ڪجهہ بہ ڌرتيءَ تي ڪين ناهي سگهئين
محل اُڀ ۾ رڳو اڏيندو ڪر

تنهنجي دل ڪان تہ مان پَري ناهيان
رڙ نہ، پڻ پڻ سان ئي سڏيندو ڪر

آزمودا سدائين سچ چوندا
ڪجهہ بُزرگن جي پڻ مڃيندو ڪر

پيار ۽ شاعريءَ ۾ ٿيا بيڪار
لِست ۾ تون ڪمل گڏيندو ڪر.

-٢-

ويڇا اسانجي وچ ۾ گهٽا ئي وڌي ويا
سَچ سَچ نہ منهن تي چئجي، وڏا سچ چئي ويا

چاڙو بهانا ناهي هتان ڪان هَٽي ويا
تيزي اَڱڻ ۾ ڪيڏا اَناڙي نچي ويا

ڪهڙي گُناهہ جي سَزا ويندي ڏئي ويا
مِلندن ڪڏهن نہ نِنڊ، اکين تي لِڪي ويا

بيمار  موسمن جو گُلن تي اَثر پيو
ڪارا نِشان ماڪ جا تِن تي جَمي ويا

ساڙهي سُڪي تي ڪُڏ تي، تِکو مينهن جو پيو
ڪنهن جسم جا وراڪا، نظر ۾ نهي ويا

هن مان ڪڏهن نہ قَل مليو، يا چانو ئي مِلي
هڪ هڪ ڪري سمورا پن پڻ ڇَٽي ويا

پَٽ تان ڪٽي تو جن کي مٽي تي رکيو ڪمل
توکي لتاڙي رستي تي اڳتي وڌي ويا.

**24, Vishram Society**
**Padamji Park, Pune - 411002**
**&**
**P.O. Box 1691, Dubai (U.A.E)**



## غزل/ ڀڳوان نردوش

پوکَ لڙڪن جي ٽِي سني آهي
ٽِي ڪَڪَرُ اِڪ تڏهن وسي آهي

مرڪي مرڪي هِي ڪِنوٽيون پيي
صاف اِشارن ۾ ڪجهہ چونديون

هر قدم تي سدا ڏئي ٿي ساٿُ
ها، سَڪِي، هر ميارَ ٿي آهي

سونهن جون اکيون لڳن انوکيون
وِڄُ جي وسائن تہ بہ پيون وٽنديون

پير اڳتي هلن ڪٿي ٿا هاڻ
هارَ، هرجا ٽِي پِٽَ لڳي آهي

تيزُ چوهہ مان نفرتون اَچي
جسم سڄو ڏوڏي ئي رهنديون

سبز جا سبز زخم دل جا هن،
مهر اهڙي سدا رهي آهي

رعب، ڏاڍُ تو ڦوٽاري اکيون
ٻنل دليون هِي ڪيسين جئنديون

منهنجي توسان تہ دوستي آ پکي
ڪوتا مُنهنجي تڏهن چپي آهي

ٻِٽَ سان جا، ٻِٽِ ٽوڙي آيو
رت جون جدايون پيون رئنديون

جيري خاطر ڪُهي ڇڏن ٻَڪرُ
ٻُڪ جي صورت بہ آتنڪي آهي

سونهن، محبت جيسين جڳ ۾
لاتيون پيار جون پيون لِنونديون.

جو ڏيون ٿا، ڏيون ڪٿي ٿا سو،
آهہ نردوش ! بس، پري آهي.

**B-703, Sangath Pylon, Koteshwar,**
**Motera, Ahmedabad -380005**



# غزل / جئرام چمناڻي ’ديپ‘

-١-

گھٽو چوڻ سِڪي ويو آھين،
پري پري ھلي ويو آھين.

فقط تو جسم ڏي نھاريو ھو،
تڏھن به دل ڇُھي ويو آھين.

ذري ذري تي ڪيڏو پڙڪين ٿو،
بنا سبب ڊڄي ويو آھين.

چوين ته ڪوبه توکي ڪجھه نه چوي
وڏو ڪيڏو ٿي ويو آھين.

اَچڻ ته گھر به توکي گھربو ھو،
ھِتان ھُتان پُڇي ويو آھين.

اَلائي ڪھڙي رمز سان مُرڪي،
سزا به ڪا ڏئي ويو آھين.

ھميشه ’ديپ‘ توکي گل سمجھو،
اَکين ۾ پر چُڀي ويو آھين.

-٢-

ڇھي پٽڪو
ٻُڏي پٽڪو

ھُئي پُڻ پُڻ،
اَچي پٽڪو

وڄن چوڙيون
وٽي پٽڪو

اکيون آليون
ڏِسي پٽڪو

ڪٿي ڳڏجون
پُڇي پٽڪو

نگاھن سان
سڏي پٽڪو

سُڄو رڻ پٽ
رُلي پٽڪو.

نہ آدمي برو هِتي آ ڪو،
نظرِ ڪنهن جي ڪا ڪمي سمجهو.

ڪڏهن تہ لڄ بہ آئي هوندءِ ڪا،
ڏنئہ جڏهن بہ ڪنهن کي ڏوراپو

اَکين ۾ راز ڪو لڪل آهي،
اِشاري ۾ ئي هن چئي تہ ڏِنو.

تِکو ڪو تِير ڪنهن هنيو هوندءِ،
تڏهن تہ گهاءُ ٿو ڪُري ايڏو.

جيئڻ گهڻو ڏکيو لڳي ٿو اَڄ،
جِتي ڪٿي اَڳيان پُنيان دوکو.

پتين چتين ۾ تا ڏِسون ڏارون،
ٻڏاءِ هوندو ڪو سبب اَهڙو.

اُداس 'ديپ' مون ڏنو توکي،
تڏهن ٿو ايڏو تون لڳين سهڻو.

**C-15, Kashmir Tenament Society,**
**Nr. Kubereshwar Mahadev**
**Bungalow Area, Kuber Nagar,**
**Ahmedabad - 382340**

## غزل / ٽارو سي. گرناڻي



-١-

ڇُهي سونهن کي ٿي هوا موج ماڻي،
الائي چو، خوشبو گهٽي ٿي اُڏاڻي.

هياسين جڏهن گڏ ته ميلو متو ٿي،
ٻئي آ اڪيلي ۾ دل ساڻي ساڻي.

حياتي نهاريندي گذري وڃي ٿي،
جدائي ٿي ٻٽجي پوي رات راڻي.

چمن ۾ گُلن تي وسي ماڪ آهي،
جواني ٻه آهي لفظ هڪ ڪهاڻي.

اٿين عمر 'ٽارو' وڃائي ڇڏي مون،
حسينن جي صحبت ۾ جاڻي واڻي.

**39, Ashray Bunglows,**
**Near Indra Bridge circle**
**Hansol, Ahmedabad -382375**

## غزل / گوپ گولاڻي

-۱-

وڃي دوُر کان دوُر ڪيڏو ڀ وينديون،
مگر مون کي دل مان هٽائي نہ سگهنديون!

پريتُ پيار جو آهہ اکين ۾ تنهنجي،
ان کان ڪڏهن تون نٽائي نہ سگهندين !

بهانا ڀلي تون بڻائين ڀ ڪيڏا،
سچ کي مگر تون لڪائي نہ سگهندين !

هوُ چانڊوڪي راتيون گذاريون جي گڏجي،
تن کي ڪڏهن تون وساري نہ سگهندين !

ڀلايون تہ توسان ڪيون جن ڀ آهن،
ڪڏهن تن جو بدلو چڪائي نہ سگهندين !

لڳي آهہ چؤڌر جا نفرت جي آگ،
اڪيلو ئي تنهن کي وسائي نہ سگهندين !

### شرڌانجلي



برک ڪهاڻي نويس ۽ اديب شري نند هندوجا آنند (جنم: 5-4-1938) جي ديهانت (17-12-2014) تي اَسين سندس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالاجي پريوار**

-٢-

سکن ۾ ته سک کي ماڻي ڏنو آ،
دکن کي به دل ۾ سمائي ڏنو آ !

اُجالن ۾ ته روشن رهيو پيار منهنجو،
انڌيرن ۾ تنهن کي بچائي ڏنو آ !

مٺا گيت ڳاتا بهارن ۾ جي مون،
خزان ۾ به تن کي ڳائي ڏنو آ !

ڪيم عرض ايلاز ناهي اثر ڪو،
اکين مان به ڳوڙها ڳاڙي ڏنو آ !

وَرَ وَرَ ستائڻ ۾ ڪيڏو مزو آ،
هڪ ڀيرو جنهن ٻي ستائي ڏنو آ !

تلخ يادگيريون اڃا دل ۾ آهن،
وچن ڪونه ٿيون مون ڀلائي ڏنو آ !

اوهانجون دعائون اوهانجون دوائون،
سيئي بي اثر آزمائي ڏنو آ.

-٣-

آءُ سچڻ اِقرار ڪريون،
دل جو هلڪو بار ڪريون !

تون خوش رهه مان پڻ خوش،
اَهڙو ڪو وهنوار ڪريون !

توسان آهي آدِ جو ناتو،
ڇو ويهي تڪرار ڪريون !

رمتا جوڳي ترندڙ بادل،
تن سان ڪيڏو پيار ڪريون ؟

انڌن ۽ ٻوڙن جي آڏو،
ڪيئن ڀلا اظهار ڪريون ؟

ورثي ۾ جو درد مليو آ،
ڇو ان جو اُپچار ڪريون ؟

آخر سڀ کي هلڻو آهي،
اهڙو هڪ ويچار ڪريون !

**F. H/202, Scheme 54, Vijai Nagar,**
**INDORE - 452010**

## غزل / سرپچند دُبي ’جگري‘

کيڏي تنهنجي بي رُخي هُئي،
سلو نہ اُڀريو ڌرتي سُکي هُئي.

مُشکل پنهنجو مِلَڻُ لڳي ٿو،
آشا نراش ٿي ڇُکي هُئي.

چورن وانگر چوريءَ ملڻ،
مجبوري آ عادت ٻُکي هُئي.

پيار ۾ ائين ٿيندو هوندو،
ڏاڍي نازڪ دل دُکي هُئي.

لوڪ حيا جو ڏَپُ هو پوءِ بہ،
لِکي خبر توکي مُکي هُئي.

نازڪ دل جي ڳوٺ ۾ ’جگري‘
مُکياڻي دل جي مُکي هُئي.

**Meera Palace,**
**Ambica Nagar,**
**Opp. Siddh Hanuman Mandir,**
**Behind S.T.,**
**JUNAGADH - 362 002**

## گيت/ ڪي. ٽي. دادلاڻي

ڏُنيا مونکي ديوانو چَئي
پَل ڏُنيا مونکي مَستانو چَئي
نا اِنصافي مَگر نَہ ڪَري
مونکي پريم جو ٿي پَروانو چَئي

پيارَ جي خاطِر جِئَڻ مَرَڻُ آ
يارَ جي خاطر مُنهنجو جيِوَن آ
سَسُئيءَ جو پُنهوُ، هيِرَجو رانجهو
موُمَل جو مونکي راڻو چَئي

نَس نَس ۾ آ نيِهَن جي ڌارا
ساٿُ تُنهنجو آ، مِلندا ڪِنارا
سُڌ ٻُڌ پَنهنجي ويِنُس وِڃائي
هَرڪو مونکي ويڳاڻو چَئي

ڪانگُ لنويو اَڄُ مُنهنجي اَڱَڻ ۾
دير ڪَئي آ ڇو تو اَچَڻ ۾
پَتِ رکجان پَڪَ اَچجان پريِن
مَتان ڪانگَ کي ڪوڙو زَمانو چَئي

مارُئي جيئَن مارُن کي پُڪاري
مَنُ مُنهنجو تيئَن توکي ساري
رڳو ڇوَڻ لاءِ مَنُ آ مُنهنجو
پَل پَل تو تُنهنجو فَسانو چَئي

عِشقَ بِنا آهي جيون اَهڙو
بِنا پاڻيءَ جي مَڇليءَ جهڙو
سَنانُ ڪَيان بس پريمَ جي رَنگَ ۾
مَن پيِو سِڪَ جو تَرانو چَئي.

**70, Comfort Greens**
**Near New Central Jail,**
**Karond Bye Pasd Road,**
**Bhopal - 462038**
**Mb. 09425602076**

كوتا / سيما يمياڻي

(نوان دستخط)

# مُنهنجي جيون جو ڏيئو

روشن
رهندو ڏيئو
صبوح تائين،
يا
هوا كيس
وسائي ڇڏيندي،
سوچيو كونہ هُئُم.

ڏيئو
روشن كرڻ كان اڳ
تو ٻڌايو هو تہ
تُنهنجي
طوفانن سان آهي
ياري.

وسامي رهيو آهي
مُنهنجي جيون جو
ڏيئو،
وسامڻ كان بچاءِ
يا
وسائي ڇڏ
اها
تُنهنجي آهي
مرضي.

SCX - 71,
Adipur - 370205



# لڇمڻ ڪومل

**پورو نالو** : لڇمڻ چيلارام ڀاٽيا ’ڪومل‘

**جنم** : 26 مارچ 1936

**جنم آستان** : ڳوٺ ڪنڊيارو، ضلع نوابشاهه (سنڌ)

**تعليم** : بي. ڪام، جرنلزم ۾ ڊپلوما

**پيشو** : ٽائيمس آف اِنڊيا جي سينئر سب ايڊيٽر جي عهدي تان رٽائر

**ڇپيل ڪتاب** : **سنڌي (اصلوڪا)**

- جيءُ جهروڪو (ڪوتائون - 1975)
- وَهي ڪاتي جا پنا - ١ (آتم ڪٿا - 2006 سنڌ ۾ ڇپيل)
- وَهي ڪاتي جا پنا - ٢ (آتم ڪٿا - 2008 سنڌ ۾ ڇپيل)
- وَهي ڪاتي جا پنا - ٣ (آتم ڪٿا - 2011 سنڌ ۾ ڇپيل)
- هڪڙو هو راجا (8 ٻال ڪهاڻيون - 2011)

**انگريزي** :

- Folk Tales of Pakistan
- M. Kamal (مونوگراف -2014)

**ترجما** :

- نئون صبح (مايا ڪوسڪيءَ جون ڪوتائون-1974)
- ميران ٻائي (اُشا ايس. نيلسن - 1978)
- هڪ چادر اَڏوراڻي (راجيندر سنگهه بيديءَ جو ناول-1983)

- پن ڇڻ جو پڙلاءُ (قرت العين حيدر جون 8 ڪهاڻيون -1993)
- ٻُلي شاهه (سريندرسنگهه ڪوهلي -1996)

**هنديءَ ۾ ترجما :**

- वही खाते के पन्ने ٢ ڀاڱا (ترجمان ڪيمن مولاڻي 2011 ۽ 2012)

**اِنعام :**

- هڪڙو هو راجا (2011) دستخط تي 1965 ۾ ٻال ساهت چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀارت سرڪار جي تعليم وڀاڳ طرفان 1000 روپيه انعام
- نئون صبح (1974) تي 1974 ۾ سوويت لئنڊ نهرو اَمن انعام
- جيءَ جهروڪو (1975) تي 1976 ۾ ساهت اڪادمي انعام
- پن ڇڻ جو پڙلاءُ (1993) تي سال 1996 لاءِ ساهت اڪادميءَ جو انواد انعام.

**سرنامو :** B-26, Press Enclave
New Delhi - 110017

شرڌانجلي



برک ڪهاڻي نويس ۽ اديب شري لڇمڻ ڪومل (جنم: 26-3-1936) جي ديهانت (22-12-2014) تي اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالاجي پريوار**

ڪوتا/ لڇمڻ ڪومل



## سُڃاڻپ

مون تو طرف ڪو رُخ نہ ڪيو
پوءِ بہ منهنجي زندگيءَ جو رخ بدلجي ويو
بقول شيڪسپئر:-
’دنيا هڪ اسٽيج آهي.‘
تہ ان اسٽيج تي مون هڪ اَهڙ رول ادا ڪيو آهي،
جيڪو منهنجي مرضيءَ خلاف مونکي سونپيو ويو هئو.
۽ هي رول هاڻي
هڪ ڪوُڙو سچ بڻجي مون کي ڏنگي رهيو آهي.
جڏهن ٻڌاپي جي ٻيڙي
لهندڙ سج جي پوئين پاڇي جيان
وقت جي ڪُن ۾ غوطا کائڻ تي لڳي
۽ احساس ڏياري تي
تہ وقت جي هٿن
جڏهن شطرنج جي مُهري وانگر
مون کي هڪ خاني کان ٻئي خاني ۾
کسڪائي ڇڏيو آهي.
تہ ڇڻ مُنهنجي جوُڻ ئي مَٽجي ويئي آهي.
هن نئينءَ جوُڻ ۾ - منهنجي وجود جي ٿرماميٽر ۾
زندگيءَ جي هرگناهہ ۽ ثواب جي احساس جو پارو
ڦهلجي - هيٺ مٿي لهي چڙهي رهيو آهي.
اڄ مان پُٺ ورائي -
پنهنجن انهن بُلند خواهہ بدڪار رولن کي ڏسي رهيو آهيان.

جن کي ادا ڪرڻ لاءِ مون گھربل ميڪ اپ بہ ڪيو ھئو.
اڄ مان اھي سڀ مکوٽا لاھي
ڦٽا ڪرڻ ٿو چاھيان
پر ڪري نٿو سگھان
ڇو جو زندگيءَ جي اسٽيج تي
ھاڻي اھائي منھنجي سڃاڻپ آھي.
۽ پنھنجي انھيءَ ئي سڃاڻپ سان
عمر جو ھيءُ پويون پھر گذارڻو آھي.

## پُرندڙ پٽ

ستر سال وڏو عرصو آ
ايڏو عرصو جيئندو ڪير؟

پُرندڙ پٽ جي چاپوڙن کي
ڌرتيءَ تان ميڙيندو ڪير؟

روڳ ۽ روڳي ھمبستر ٿيا
ھاڻي شفا جي ئي دوکي ۾ زھر اسان کي ڏيندو ڪير؟

دين دنيا کان ڪٽجي وياسين
ھاڻ اسان کي پنھنجي ڌرتيءَ - مٽيءَ منجھان سڏيندو ڪيو؟

پنھنجي ڪلھن تي ڍوئي ڍوئي پنھنجو لاش
ستر گھڙيون تہ ھلي سگھي ڪو .......؟

ستر سال وڏو عرصو آ
ايڏو عرصو جيئندو ڪير؟

## غزل/ لڇمڻ ڪومل

-١-

مُرڪين تون پاڻ وينئي نظارن جي گود ۾
چمڪي ٿو يا ڪو چنڊ ستارن جي گود ۾

ڪنهن جو ڪرشمو آهي، هي ڪنهن جو ڪمال آ ؟
طوفان جذبا ٿي ويا، ڪنارن جي گود ۾

ان ريت مسڪرائي غمن ۾ به زندگي
جئن قول مسڪرائي ڪو خارن جي گود ۾

ڪومل، انهن کان پُڇج محبت جو درد تون،
آئي نه جن کي ننڊ بهارن جي گود ۾.

-٢-

ڪي زخم مِڙيا دل جا، رهيا دل تي نشان ڪي
اُڪليا ڪي پُراڻا ۽ بڻي آيا نوان ڪي.
هن بزم پرائي ۾ قصا ڪيئي ڪنيا ويا
ڪي دل تي ٻڌايا ته ٻڌايا تي زبان ڪي.
ڪجهه منهنجي وفائن جو به معيار ته ڏس تون
چو توکي محبت ۾ نظر آيا گُمان ڪي؟
اَڄ هرڪو بڻي غير ٿو غيرت سان نهاري
اي ڪاش! پري بزم ۾ پنهنجا به ڏسان ڪي!
هڪ اجنبيءَ وانگر ٿي گذاريون ٿا وطن ۾،
سمجهن ڪي زبان منهنجي ته پنهنجا به چون ڪي،
ڪومل، اُٿيو طوفان ٿي جذبن جو جڏهن ڪو
ان وقت تصور به بڻايا ٿي جهان ڪي.

-٣-

گُل ٿي چونڊيندا رهيا قدرت جا
هيرا موتي وڃائي دولت جا.
وڌندي وڌندي، وڌي ويئي نفرت
رنگ ڪهڙا نہ ها محبت جا؟
هرڪا صورت بہ ڇڻ ڪو پردو آ
ڪيئي ڇهرا لڪل حقيقت جا.
پاڻ پنهنجي، ڳچيءَ ۾ نانگ وجهي،
ماڻ هاڻي مزا مصيبت جا.
نرم هنڌ تان هٽائي سوُر سيئي
طول وهاڻا ڪنڌ تي سهوليت جا.
اک پٽيندي هيون هٿوراڙيون
من ڏسون ڪرشما ڪي قدرت جا.

-۴-

اندر - اندر لاچاري بيزاري آ
ٻاهر - ٻاهر مان ۾ دنياداري آ.
برفن جا گهر ٺاهي ويٺو هر ڪوئي -
تيزي اُس جي تيزيءَ سان ٿي جاري آ.
هن پَلَ جو پس منظر ڪوئي ڏسي اچي،
هرڪا صورت ڪيڏي پياري پياري آ.
ڪهڙا ڪهڙا ڏوُهر اُڀريا ڌرتيءَ تي !
مٽيءَ جي پڻ پنهنجي ڪا لاچاري آ.
ڪهڙيون تن کي ڪومل ڏيون ميارون ڪي؟
جن جي فطرت ۾ ئي دل آزاري آ.

## نظم/ لڇمڻ ڪومل

### ماضي - حال - مستقبل

حال ڇا هي؟
جڻ تہ ڪنهن اَرڏي شڪاري باز جي
اونچي اڏام -
۽ هوءُ ماضي؟
جڻ تہ ان جو ڪوئي ڪَترِيل پَرُهجي!
بي ارادي آسمانن ڏانهن جيڪو
ٿو ڪري پرواز ڪوهيل ڪنپ سان

۽ - اڃاتل آئيندو -
خواب جي لهرن ۾ لڙهندڙ ڪا اميد.
مان انهيءَ ئي سوچ ۾ غافل رهان ٿو
ڇا ڪٽي هن باز جي ڪَتريل پَرَن جي
بي اثر پرواز جو -
خواب جي لهرن ۾ لڙهندڙ آس سان - اميد سان
روح جو رشتو تہ ناهي؟

**B-26, Press Enclave, Saket,**
**New Delhi - 110017**

### شرڌانجلي



برک قومي ڪاريہ ڪرتا، مفڪر ۽ اديب شري سوپو تنورمل گيانچنداڻي (جنم: ٣-٥-١٩٢٠) جي سنڌ ۾ ديهانت (٨-١٢-٢٠١٤) تي اَسين سندس ڪٽنبين ۽ هند سنڌ جي سنڌين سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالجي پريوار**



## ڊائريءَ جا صفحا/ لڇمڻ ڪومل

-١-

شعر ۾ ڪيترين ڳالهين اُڏامندڙ پوپٽن وانگر هونديون آهن، جن کي ڇُهڻ سان ئي سندن رنگ اُڏامڻ لڳندو آهي.

پر شاعريءَ جي باغيچي ۾ اهي پوپٽ پوري آزاديءَ سان گهمندا ڦرندا آهن.

-٢-

منهنجو ڏوهه اهو آهي تہ مان اَهڙي سچ مان اُڀريو آهيان جنهن جي نصيب ۾ رڳو هڪ پَل جي روشني لکيل هئي.

منهنجو ڏوهه اهو آهي تہ مان هن ناٽڪ ۾ آندل ڪردارن جي قطار ۾ بيٺل پويون ڪردار آهيان.

-٣-

سپٽمبر ٧٤ جي هڪ روشن رات ۾ ڪالامازو (شڪاگو) جي هڪ لبناني ريسٽورنٽ ۾ اچانڪ منهنجي ملاقات سللوا ۽ هن جي ساهيڙي جينيا سان ٿي. 'Burn your Bra' مَهم جي سلسلي ۾ هن مون کان پنج ڊالر گهريا.

مون کي پوڳ سجهي آيو. کيس چيڙائڻ لاءِ چيم: 'پنهنجي برا ساڙي اڇيئي؟' پريندي ئي هن منهنجو ساڄو هٿ چڪي پنهنجي چوليءَ ۾ وجهندي چيو: 'تون پنهنجن هٿن سان ڇُهي ڏس.' ۽ مون ڏٺو: پنهنجي روايت ۽ تهذيب کان بي نياز - زندگيءَ موت - وقت ۽ فطرت کان بيزار، جسم، جنس ۽ اخلاق جي بندشن کان آجيون هي بي پرواهہ ڇوڪريون، جن جي دل جي آئيني ۾ هر تصوير پنهنجو رنگ وڃائي چڪي هئي، پنهنجي دل ۽ دماغ مٿان چڙهيل لَٽ ۽ جميل جارن کي چنبڙي ڦوڪي هچ هائيڪنگ (Hitch Hiking) لاءِ رستن تي علامتي آڱوٺا ڏيکاري پاڻ کي 'ريپ' ڪرائڻ لاءِ تيار هيون.

منهنجي هٿ کي پنهنجي ڇاتيءَ جو ڏنگ هڻي، مون کي خوفزده ڪري ٻئي خوشيءَ مان ٽاڙيون وڄائڻ لڳيون.

-۴-

’هن جمهوري نظام ۾ جيڪي اسان سان اختلاف راءِ رکن ٿا، اهي پڻ جمهوريت جي مقصد کي هٿي ڏين ٿا.‘

هي سٽون هن نندي ڪتاب جي وڏي ۾ وڏي تاناشاهه ايوب خان پنهنجي سياسي آٽو بايوگرافي ‘Friends, not Masters’ ۾ لکيون آهن.

-۵-

بينگالي ادب جي آسمان تي ٽئگور ۽ قاضي نذر اسلام ٻه اهي تارا هئا جيڪي آسمان جي ٻن ڇيڙن تي چمڪي پنهنجي روشنيءَ سان ساهتڪ دڳ ڏيکاريندا رهيا.

ٽئگور جو فن ۽ فڪر ۽ نذرل جو باغياڻو لهجو ۽ تخليق جي تيزي ٻه اهي مختلف ڌارائون هيون، جن جو ڪنهن به منزل تي ملڻ محال هئو. ايتري قدر جو ٽئگور نذرل جي نظرئي کي ’افلاس جو اَحمقاڻو نعرو‘ (Impertinent Slogan of Hunger) ڪري ڪوٺيو هئو.

پر اهو عجيب اتفاق آهي جو ٽئگور جي موت سان گڏ قاضي نذرال اسلام جي ادبي زندگيءَ جو پڻ ’موت‘ ٿي ويو.

-٦-

سمرقند ۾ مون ۽ منهنجي ساٿيءَ جان نثار اختر، تيمورلنگ جي قبر تي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

صبوح جو ئي تمارا (اسانجي اِزبيڪ گائيڊ) ٻڌايو هئو ته -

’تيمورلنگ جون فوجون جڏهن ڪنهن به شهر تي چڙهائي ڪري ڦُرلٽ ڪنديون هيون ته واپسيءَ وقت انهن جي پويان ان شهر جون سوگهيون ڪيل خوبصورت ڪنيزون ۽ قيد ڪيل حسينائون هلنديون هيون. ۽ انهن عورتن جي پٺيان پٺيان شاعر ۽ فنڪار چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي تيمور جا قصيدا پڙهندا هلندا هئا.‘

۽ مان سوچي رهيو هوس ته زندگيءَ کي هر قدم تي اڳتي وٺي ويندڙ شاعر ۽ فنڪار، تيمور جهڙي جابر جا قدم اڳتي وڌائيندا هئا، يا پوئلڳن جيان هن جي پُٺ وٺندا هئا؟

-٧-

رات مون پنهنجو مرثيو لکيو :

۽ صبوح تائين مان اڃا زنده آهيان.

مون جيئري مرڻ وارا ڪيترا ڏٺا آهن. پر مري جيئڻ وارو شايد مان پهريون ئي شخص آهيان.

پنهنجو پنهنجو زهر ڪٽي گهمڻ وارا گهڻيئي آهن. پر اهو پيئڻ وارو شايد مان ئي آهيان.

منهنجا همعصر ڪرسين تي ڪنڌ نوائي ويٺا آهن ۽ جن ٻن چئن کي ڪرسيون نہ مليون آهن، اهي سندن پيرن ۾ خاموش ليٽيل آهن. خاموشيءَ جي تہ هڪ ئي ڀاشا آهي - پر شور غل جا هزارين آواز آهن - سوچ تي نعرن جو پهرو آ ۽ ذهن تي ذات جا ڏنڀ آهن. آئيني کي جيئن نڪري آيون آهن.

۽ منهنجا ادبي گناهہ منهنجي نرڙ جي لڪيرن مان ليئا پائي رهيا آهن.

-٨-

وارخود تہ بگڙن ٿا -

پر تنهنجو چهرو سنواري ٿا وڃن.

-٩-

جتي ڪٿي نمائش ئي نمائش آ

گُل بہ ٽڙڻ کان پوءِ سوچيندو هوندو !

-١٠-

هي ڀتيون بہ پُرڻ لڳيون آهن

انهن تي بہ هاڻي وقت جو پاڇو پوڻ لڳو آهي.

-١١-

عرصي کان دل جي داغن جي ٿالهيءَ کي سينگاري، سونهن جي آرتي نہ ڪئي آهي.

ڳوڙهن جي ڏاڳي ۾ دل جي زخمن جي مالها بہ نہ پوئي آهي.

ڪنهن سندرتا کي ڏسڻ جي حسرت ۾ نگاهن جي ڏونهين بہ نہ دکائي آهي.

عرصي کان -

دل جو سنگهاسن خالي آهي.



ليک/ لڇمڻ ڪومل

# سنڌي صوفي شاعري

ان ڳالھہ تي ايامن کان بحث هلي رهيو آهي تہ ’صوفي‘ لفظ ’صوف‘ مان نڪتو آهي يا ’صفا‘ مان.

ڏاڏي آدمر کي صوف کائڻ جي سزا اها ملي جو هن کي ڌرتيءَ تي ڌڪيو ويو. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو صوفي مَت جا درويش، شاعر- موسيقارَ ۽ مصور علامتي طور پاڻ کي ڌرتيءَ ڌڪاڻا سمجهي ڪنهن هڪ هنڌ ٽِڙتانءُ نہ پائيندا آهن. انهن سيني ۾ ساڳيو ئي جوش ۽ جنون هوندو آهي - ’هي ساڌو سنت ويراڳي - نہ جن جي واسنا هيڪر سمهي پيهر ڪڏهن جاڳي -‘ پاڻ کي تارڪ الدينا سمجهي پوتر، پاڪ، اُڄتو ۽ صاف سٿرو رکي ويراڳ ورتيءَ جا سڀ اصول اپنائيندا آهن. انهيءَ منطق موجب مڃجي ٿو تہ ’صوفي‘ لفظ ’صفا‘ مان ئي نڪتو آهي.

عامر طور سمجهيو وڃي ٿو تہ تصوف جو متو ۽ عقيدو سڀ کان اول عربستان ۾ ئي وجود ۾ آيو. ۽ اهو بہ عجيب اتفاق آهي تہ اسلامي عقيدي موجب دنيا جا سڀ پيغمبر عربستان ۾ ئي پئدا ٿيا آهن ۽ انهن مان ڪن جي بنياد پرستيءَ واري رويي جي ضد يا مخالفت ۾ تصوف، صوفيزم يا mysticism وارو نظريو تنگ دل کي نفي ڪرڻ لاءِ پئدا ٿيو. صاف، صفا صوفين جي ان طبقي دنيا جي خالق طرف رسائيءَ جا چار طريقا اختيار ڪيا، جيڪي حقيقت، طريقت، معرفت ۽ آخرِ ۾ شريعت وارا ڏاڪا هئا.

پر تاريخي سچايون پڌائن ٿيون تہ تصوف جو سڀ کان پهريون پيروڪار ڀارت جي اجين نگريءَ جو اگم گياني گرو گورکناٿ هئو جتي هن جا پيروڪار

غفائن ۾ سالن جا سال سماڌيون لڳائيندا هئا. هن جو وڏو پيروڪار ستين صديءَ جو راجا ڀرتري هري ٿيو، جنهن ٽي شتڪ لکي پوئين وئراڳ شتڪ ۾ تصوف جو مڪمل مقصد معنيٰ ۽ مفهوم پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيش ڪيو.

ڀرتري هريءَ جي شاعريءَ جو محور اهو آهي تہ ’انساني زندگيءَ جا ٻہ ملهہ ٿي سندس سچيءَ حياتيءَ جا سرمايو آهن ۽ اهي آهن ’عورت جو جوڀن ۽ جهنگل جا نظارا‘.

اردوءَ جي مشهور شاعر اقبال جو شعر ’ڦول ڪي پتي سي ڪٽ سڪتا هئہ هيري ڪا جگ‘ راجا ڀرتري هريءَ جي هڪ سلوڪ جو لفظي ترجمو آهي. اهو دور وچ هندوستان ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ ڀڳتي تحريڪ وارو دور هئو.

پر ان کان بہ اڳ سنڌ صدين کان سيڪيولر صوفين جي سرزمين پئي رهي آهي. سنڌ جي صوفي شاعريءَ سدائين انسانيت جو پيغام پئي پهچايو آهي. انساني ڀائيچارو، اَمن، همہ اوست مَت، سرويشور واد ۽ وحدت الوجود تصوف جا بنيادي نقطا پئي رهيا آهن.

سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ سدائين محبوب ۽ محبوبا وچ ۾ قائم ٿيل رشتا ناتا پڻ علامتي طور خالق ۽ خلقت وچ ۾ روحاني رشتن جو رليل مليل روپ آهي.

’وسين ويجهو وٽين ۾ تو پرين پردو وري ڇا جو؟‘

سنڌ جون لوڪ ڪهاڻيون، جن ۾ سنڌ جي سورمين پنهنجن محبوبن کان مٿانهون ڪردار نباهيو آهي، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم ۽ مثالي نمونو آهن، جيڪو هن نئين ڪنڌ جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ نظر نٿو اَچي.

’جوڳي ٻيا بہ گهڻا - آيل ري - منهنجو لکيو لاهوتين سان

سئن هنياڻون سُڄ ۾، ڇڏي گهرڙا گهڻا

ڪين ڪنياڻون پاڻ سان، تنبيءَ منجهہ ڪٽا

پورب ٿيندا پڌرا، جن جي منهن مٽيا

سرتيون شاهہ لطيف چئي، مرشد شال وٽان

تصوف جو اهو نظريو مختلف رنگ ڍنگ سان سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي خواهہ جديد دوَر ۾ ڪٿي ظاهر ظهور تہ ڪٿي رمز ۽ باريڪ بينيءَ سان شاعريءَ

جي مختلف صنف ۾ سمايو ويو آهي. تصوف جو مذهبي رواداري وارو متو سنڌي شاعريءَ معرفت يا ماتحت شاعريءَ جي موضوعن، خيال، جذبي ۽ اظهار جو ناياب نمونو ٻين ٻولين جي شاعريءَ کان نہ رڳو مختلف پر مٿانهون ٿي بيٺو آهي. نہ رڳو مواد پر صنفن ۾ پڻ صوفي مت واري شاعريءَ بيت، وائي، ڪافي، سورٺا، سلوڪ، ڪلام، مورو، اوراڻا ۽ گيچڙن وغيره ۾ سنگيت جي سُرن سان سنڌي شاعريءَ کي سڄائي سنواري هڪ مخصوص موسيقي پيدا ڪئي آهي. انهن سُرن ۽ سوچ ۾ صوفي مت جون انساني ڀائيچاري واريون سڀ علامتون، حقيقت طريقت ۽ معرفت وارن متن جي بنياد تي بيٺل آهن.

سنڌي ڪلاسيڪي شاعر رڳو تصوف پسند ئي نہ هئا بلڪ تصوف پرست پڻ پئي رهيا آهن. سندن سڄي شاعريءَ ۾ رنگ برنگي اميجريءَ جي باوجود، تصوف جو بنياد ۽ نقطو هرهنڌ موجود آهي. ڪڏهن ڪڏهن خالق ۽ ڌڻيءَ جي ساراهہ ۽ ثنا جي روپ ۾ موجود آهي، ڪٿي چنڊ ۽ چانڊني بڻجي چمڪي رهيو آهي. ڪٿي عشق محبت جي دلڪش پهلوئن جو اُڀار آهي، ڪٿي حب الوطنيءَ جو جاندار جذبو آهي. ڪٿي سچل سرمست واري بيباڪي آهي، ڪٿي سنگيت ۽ سنگيتڪارن جو رتبو بلنديءَ تي پهتل آهي، ڪٿي جوڳين، ساڌن، سنياسين، ويراڳين ۽ آديواسين جي سچيءَ ساڌنا جو احوال آهي.

دنيا جي ڪنهن بہ ڌرمي، مذهبي خواهہ آسماني ڪتاب يا صحيفي ۾ ايشور يا خدا جو اهڙو تصور نٿو ملي جهڙو تصوف جي علمبردار صوفي شاعر شاهہ لطيف جي هنن سٽن ۾ آهي.

’ڏاتار تہ تون ٻيا مڙيو ئي مڱڻا - مينهن منداڻا وسڻا، سدا وسين تون.‘

بهرحال هي خطبو Dean lnge جي هن جاچنا سان پورو ٿو ڪيان :-

‘Mysticism is a part of the Raw Material of Religion

تصوف هر مذهب يا ڌرم جي ڪچي مال جو هڪ حصو آهي ۽ شاعري ان جو بنيادي اظهار. سنڌي شاعري ان جو بهترين ۽ عمدو مثال آهي.

## ڪوتا/امداد حسيني

يار لَڇمڻ
اَڙي ڪومل
اَڙي لڇمڻ ڪومل
تو چيو، نظم لکان آءٌ مَتئي
يار لَڇمڻ
اَڙي ڪومل
اَڙي لڇمڻ ڪومل
دل جي تهخاني جي ٻَڙڪيءَ ۾ ڪُٺل ٿياس جيان سيخن مان
تنهنجو آواز اَچي ٿو تہ مٿئي نظم لکان
ڪوري ڪاڳر تي اُهو زخم لکان
جو ڪڏهن ڪونہ ڇُٽو
جو لِڪائڻ سان ڪڏهن ڪونہ لِڪايو ٿيو توکان، مون کان!
زخم آلو ڪوئي ڪپڙو بہ نہ آهي جو نپوڙي، رَس تي،
ڇنڊِڪو ڏيئي، سُڪائڻ لئہ وجهان
پوءِ بہ
سدائين کان
ازل کان بہ اڳي
زخم کي نظم ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ رڳل پاڻ رڪيوسين هر پَل
پر اُهو ڏُک جو هروقت دکي ٿو دل ۾
اُن کي الفاظ ۾ اظهار ڪريان! ڪيئن ڪريان؟
تنهنجي منهنجي
پنهنجي ٻولي ڪٽي ڪيڏي بہ هجي شاهوڪار
شبد - پندار انهيءَ ۾ هجي ڪيڏو بہ ٻَٽڻ کان ٻاهر
پر لڳي ٿو تہ هجن ٻَاڻ ٻَٽيا لفظ اُنهيءَ ڏُک جي اظهارڻ لئہ!
جي سڄي عمر انهيءَ نظم (انهيءَ زخم) کي لکندو بہ رهان
تہ ڪڏهن ڪونہ مڪمل ٿي سگهي
سو، اِهو نظم (اِهو زخم) ڇڏي اٿپورو

پيبَن جو نِبُ پڇي ڪاپيءَ تي
جڏهن سمهڻ لاءِ ٻنس هنڌ مٿان
پڙهيائين ننڊ ڪٿي !
ننڊ تہ آءٌ
پريس انڪليو سنڌءِ گھرُ ڇڏي آيو هوس !

(ڏاڪٽيون لهنديءَ الائي تہ ائين ڪٿ پاسيو
(تہ اُهو آءٌ نہ هوس
تون هئين تون هئين لڇمڻ ڪومل)
جڏهن تہ هڪ پيرو وري سنڌ منجھان آءٌ لڏي آيو هوس!)
25-5-13

يار لَڇمڻَ
اَڙي ڪومل
اَڙي لڇمڻَ ڪومل

صبح جو جيئن پکين مِنڙيون ٻوليون ٻوليون
۽ تڏهن سوچيو مون
تہ پکي پنهنجي ٻوليءَ کي وسارين نہ ٿا
تہ اَسين ڪيئن وساريون پنهنجي مِنڙي ٻولِي
ماءُ جنهن منجھہ ڏني آهي اسان کي لولِي !

يار لَڇمڻَ
اَڙي ڪومل
اَڙي لڇمڻَ ڪومل
تو ۽ مان
پاڻ سين
سوُر جو آه سَنو
ڏکُ جو آه ڏنو
اَڄ تہ اُن سوُر کي سَگھہ منجھہ ڇڏيون بدلائي
اڄ تہ اُن ڏک کي ڏياتيءَ ۾ مَٿائي ڇڏيون
۽ نئين نسل جي هٿ منجھہ جھلائي ڇڏيون !
26.5.2013

كهاڻي / پيڳوان انلاڻي



# دراوڙ پراڻايام

ساهتيہ سنستان جي ملازم ستن ميمبرن لاءِ داخلا پتر اڳ ۾ ئي نهرائي ڇڏيا هئا. سندن پنهنجو داخلا پتر سڄي سال لاءِ نهيل هوئي. سيڪريٽرئيٽ ۾ ماحول اُتساهہ سان لبريز هو. ڳوناڻن جون ٽوليون هِت هُت گهمي رهيون هيون. سرڪار مٽئي فقط پنج ڏينهن گذريا هئا. فصائن ۾ اُميدون هيون. فلاڻي ايم. ايل. اي.، فلاڻي وزير، فلاڻي اڳوان سان معمولي ملاقات بہ سيني جي آشائن کي سج جي روشنيءَ وانگر چمڪي سان پري رهي هئي. ڪجهہ نئون ٿيڻ جي آس سمنڊ ۾ وير جيان اُڀامي رهي هئي. ساهتيہ سنستان ۾ ڪُل ٽيهہ ميمبر هئا. سرڪار اَهڙن ماڻهن کي نامزد ڪري ڇڏيندي هئي جنکي ڪيترا دفعا ساهتيہ جي اَلف، ب بہ نہ ايندي هئي. چو تہ سنستان ساهتيہ جي ڪيتر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ برپا ڪيو ويو هو تنهنڪري صدر پنهنجن خاص حقن کي استعمال ڪري ڪجهہ ليکڪن ۽ ساهتيڪارن کي ميمبر جي روپ ۾ ڪٽندو هو. هونئن تہ عام طور سان صدر ويچار ڌارا کي ڌيان ۾ رکي ميمبر چوندينda هئا پر اِن روايت جي برخلاف هُنن ويچار ڌارا کي ترجيح نہ ڏني هئي. هاڻي جڏهن ٻيءَ پارٽيءَ جي سرڪار واڳون سنڀاليون هيون تہ ڪين اِن سوچ جو فائدو ملي رهيو هو. هُنن سان گڏ آيل ست ئي ميمبر گهٽ يا وڌ نئين سرڪار سان لاڳاپو رکندڙ هئا.

سيڪريٽرئيٽ بلڊنگ جي وراندن مان اڳيان وڌي رهيا هئا تہ نئين سرڪار ۾ پيٽ رکڻ واري ميمبر ڪانئن پڇيو، ’تعليم وزير سان ڪجهہ خاص ڳالهائڻو هجي تہ ٻڌايو؟‘

’واڌايون ڏيڻ هلي رهيا آهيون، واڌايون ڏينداسين!‘

’واڌاين سان گڏ ٻيو بہ ڪجهہ چوڻو، ٻڌائڻو يا پڇڻو آهي ڇا اَسانکي؟‘

’ڀيو ڇا ڳالهائڻو آهي؟‘

ميمبر جي چپن تي معنيٰ خيز مرڪ هئي. مطلب سمجهندي به هوُ خاموش رهيا. ’ڀيو ڪجهه ڳالهائڻ يا ڇوڻ چاهيو ته پلي ڳالهائجو يا ڇڏجو پر مهرباني ڪري اَسانجي وزير جو موڪليل سنديش نه وسارجو.‘ هڪ ويڪري مرڪ سندن چهري تي ضرور اُڀري پر زبان سان ڪجهه نه چيائون. پهرئين ماڙي تي وڃڻو هو. لفٽ استعمال نه ڪري ڏاڪڻيون چڙهي مٿي پهتا. پي. اي. کان پڇيائون. وزير ڪمري ۾ هو ۽ اَڪيلو هو. پرچي موڪلڻ شرط اَندر گهرايائين. گهڙندي ئي هنن اونچي آواز ۾ چيو، ’ساهتيه سنستان جا عيوضي توهانجي دلي آجيان ٿا ڪن!‘ ۽ اَڳيان وڌي وزير کي وڏو گلدستو ڏنو. وزير مرڪيو، مهرباني مڃيائين ۽ ڪرسين تي ويهڻ لاءِ هٿ سان اِشارو ڪيائين. ٿانئيڪا ٿيا ته نئين سرڪار جي سنگٺن ۾ پرديش سطح تي عهديدار رهيل سنستان جي ميمبر سيني جي واقفيت ڏني. ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ جي منشا سان وزير رسمي نموني هوا ۾ سوال ڦٽو ڪيو، ’ڪيئن هلي رهيو آهي ساهتيه سنستان؟‘

جيتوڻيڪ سوال، فقط پڇڻ لاءِ پڇيو ويو هو، حاضر سيني ميمبرن سوال تي جڻ ته لامارو ڏنو. جنهنڪي وجهه مليو اُن سنستان جي ڪارگذارين جا قصيدا پڙهڻ شروع ڪيا. اِن دوران سندن تعريف جي رائي پيا ڏيندا رهيا. چپن تي شانت مرڪ چپڪائي هو خاموشيءَ شان وينا هئا. تعليم وزير خوش اِخلاقي ظاهر ڪندي مٿو ڌوڏي رهيو هو. ڪيس ٿوڪڻ جو نه موقعو ملي رهيو هو ۽ نه سندس اَهڙي ڪا پاونا نظر اَچي رهي هئي. ممڪن آهي، وزير جو اِرادو هن سوال کي ملاقات جو پهريون ۽ آخري سوال بڻائڻ جو رهيو هجي. ذري گهٽ هرهڪ ميمبر ڪجهه نه ڪجهه ڳالهايو. سيني جي چپ ٿيندي ئي هُنن پهريون دفعو زبان کولي، ’معاف ڪندا وزير صاحب، هيءُ سوال توهان غلط ماڻهن کان پڇيو آهي.‘

’ڪيئن؟‘

’ساهتيه سنستان جي سفارت توهانجي سامهون آهي. هوُ ته سنستان جي تعريف ئي ڪندا. هن سوال جي صحيح جواب جي اُميد نه اسان مان رکڻ

مناسب آهي ۽ نہ اسانجي مخالفتين مان. توهان جيڪڏهن سچ پچ سنستان جي ڪارگذارين نسبت ڄاڻڻ ٿا چاهيو تہ اِهو سوال بي طرفدار شخص کان پڇڻ گھرجي.‘

’ها، چئو تہ توهان نيڪ ٿا.‘

’اِجازت هجي تہ هڪ ڳالھہ بي بہ نيڪ چوڻ ٿو چاهيان.‘

’ها، ها، چئو نہ؟

’مونکي اڳوڻيءَ سرڪار ساهتيہ سنستان جو صدر نامزد ڪيو هو. حڪم موجب پلي منهنجي معياد ٽي سال هجي پر باقي بچيل اَٽڪل ڏيڍ سال لاءِ توهان جيڪڏهن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪنهن شخص کي صدر ٿاڦڻ چاهيو تہ مهرباني ڪري ٻڌايو. مان عهدي تان اِستعيفا ڏيئي ڇڏيندس. تناون ۽ ڇڪتاڻ جي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ منهنجيءَ فطرت ۾ نہ آهي.‘

’ڪھڙيون ڳالھيون ٿا ڪريو؟ توهان ڄاتل سڃاتل مشهور ساهتيڪار آهيو. توهانجون رچنائون اَسان ننڍي هوندي کان پڙهندا ٿا اَچون. جيڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان وابستہ هجو ها تہ مان پنهنجي طرفان ٿي توهانکي اِستعيفا ڏيڻ لاءِ چوان ها. سامهون ويهاري ڳالهايان بہ نہ ها شايد توهان سان. توهان اڳي جيان ڪم ڪندا رهو. منهنجي دل ۾ توهان لاءِ بيحد عزت آهي.‘ سندن رڳ ٻڌڻ کان پوءِ سيني جي پيشانين تي اُڀري آيل تناءُ وزير جو جواب ٻڌي خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويو.

ڪمري مان ٻاهر نڪرندي ئي نئين سرڪار سان ويجھائپ رکڻ واري ميمبر شڪايتي لهجي ۾ چيو، ’منع ڪرڻ کان پوءِ بہ توهان پنهنجي هلائي!‘

’اڳ۾ اِرادو نہ هو. موقعو مليو تہ من جي ڳالھہ زبان تي اَچي ويئي.‘ هو هلڪو مرڪيا.

’توهان من جي ڳالھہ چئي ڇڏي ۽ جيڪڏهن تعليم وزير استيعفا ڏيڻ لاءِ چئي وجهي ها تہ ڇا ٿئي ها؟‘

’ٿئي ڇا ها؟ اِستعيفا ڏيئي ڇڏيون ها !‘

’تعليم وزير جي ڪمري ۾ وڃڻ کان اڳ۾ مون توهانکي پنهنجي دوست

وزير جي چيل ڳالھ ياد ڏياري هئي. تنهنڪان پوءِ بہ توهان اِستعيفا ڏيڻ جي پيشڪش چو ڪئي؟‘

’ساهتيہ سنستان جي صدر جي عهدي تي مان ڪنهن جي ديا يا مهربانيءَ سان قابض رهڻ نٿو چاهيان. نئين سرڪار قابل سمجهي ٿي تہ باقي رهيل معياد لاءِ قائم رکي. نٿي سمجهي يا ڪنهن ٻئي سبب سان ڪنهنکي صدر ٿاڻڻ ٿي چاهي تہ سڀاڻي نہ، اَڄ ٿاڦي. مان صدر قائم رهندس تہ عزت ۽ مان سان رهندس. نہ ڪنهنجي سامهون بيک لاءِ هٿ ڦهلائيندس ۽ نہ ليلائيندس.‘

’منهنجو دوست وزيرگهڻي وقت کان توهانکي ساهتيڪار جي روپ ۾ سڃاڻي. ساڳي ڳالھ اَڄ تعليم وزير پڻ چئي. ساهتيہ سنستان جا صدر توهان پنهنجي لياقت جي ڪري آهيو. اِن ۾ شبهو ڪري اِستعيفا ڏيڻ جي رٿ رکڻ جي ضرورت ئي نہ هئي.‘

هُنن ڪوئي جواب نہ ڏنو. فقط مرڪندا رهيا. پنهنجي يوجنا جي ڪاميابيءَ تي هو خوش هئا. سرڪار بدلجڻ کان پوءِ ساهتيہ سنستان جي صدر عهدي تي لٽڪندڙ تلوار سندن ذهن ۾ ڏرڙو ماري ويهي رهي هئي. تعليم وزير جي نالي جي اعلان سان گڏ اِن تلوار جي تيزي کين پنهنجي عهدي جي بيحد ويجهي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. جيتوڻيڪ هڪ وزير طرفان آسرو مليل هو پر اُهو کين ڪافي نہ پيو لڳي. تعليم وزير جيڪڏهن پنهنجي پارٽيءَ ۽ ويچار ڌارا جي آڌار تي بدلاءُ تو ڪري يا اَڳوڻي سرڪار طرفان ڪيل نامزدگين کي رد ڪرڻ جي نيتي اختيار ٿو ڪري تہ سندن صدر جي عهدي تي قائم رهڻ ممڪن نہ آهي. ڪجھ ڪرڻو آهي تہ هاڻي ڪرڻو آهي. اَڳوڻيءَ سرڪار نامزد ڪيو هو، تنهنڪري نپو تہ لڳي ئي ويو آهي. پنهنجي بوتي تي پهل ڪري نتيجا پاڻ ڏانهن موڙي سگهجن ٿا.

اَڳا - پيڇا چڱيءَ طرح سوچڻ کان پوءِ هنن حمالوريڱ سان اَڳتي وڌڻ جي يوجنا تيار ڪئي. تعليم وزير کي واڌائي ڏيڻ کان پوءِ چا چوڻو آهي، اَڳ ۾ ئي طئہ هو. اَثر ٿي تو وڃي تہ دِلگُهريو نتيجو ملي ويندو ۽ جيڪڏهن ڊارو اُبتو ٿو پوي

تہ ڏيئي ڇڏبي اِستعيفا. شهادت جو جامو پهري اُصولن لاءِ قرباني ڏيڻ واري شخص جي مورُت ٺهڻ بڻجندا. ڪين خوشي هئي تہ داءُ سڦلو ٿيو. تعليم وزير تہ پروسو ڏنو ٿي، سندن قد پڻ وڌيو تہ عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ اَنڌي ٻڪ جي هن دؤر ۾ هڪ اَهڙو شخص بہ آهي جيڪو پاڻ عهدو ڇڏڻ جي رٽ رکي سگهي ٿو. ساهتيہ سنستان جي ميمبرن جي نظرن ۾ سندن حيثيت ڪيترا درجا وڌي ويئي.

وڏو وزير اَسيمبليءَ جو ميمبر ڪونہ هئو. ڇهن مهنن ۾ چونڊن ۾ سوڀارو ٿي ايم. ايل. اي. بڻجڻ تي ئي سندس وڏي وزير جي روپ ۾ قائم رهڻ ممڪن هو. هڪ موجوده ايم. ايل. اي. اِستعيفا ڏيئي هن لاءِ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيڻ جو رستو صاف ڪيو هو. ننڍي چونڊ جون تاريخون ظاهر ٿي چڪيون هيون. سلسلو قدم در قدم اڳيان وڌي رهيو هو. چونڊن ۾ فقط ٽي ڏينهن باقي هئا. سرڪاري خواهہ مخالفتي ڌريون سموري طاقت لڳائي ووٽرن کي ريجهائي رهيون هيون. ٻنهي اَهم پارٽين جا قداور اڳوان ڏوٽي رمائي اَلڪ جاڳائي رهيا هئا. ڪين ساهتيہ سنستان جو صدر نامزد ڪرڻ وارو اڳوڻو تعليم وزير، موجود تعليم وزير ۽ ساهتيہ سنستان جي ميمبر جو دوست وزير وغيره سيئي باريڪبينيءَ سان علائقي جي ڪنڊ ڪُڙڇ کي ڇاڻي رهيا هئا.

اتفاق سان سڄي سال لاءِ مقرر پروگرامن جي رٿا موجب اُن ايراضيءَ ۾ ساڳي وقت ساهتيہ سنستان طرفان وياکيان مالا ۾ تقرير ٿيڻي هئي. مڪاني سنيوجڪ فون ڪري مکيہ مهمان ۽ پروگرام جي صدر جي ناتي ڪنهنکي نينڊ ڏجي، اِن بابت صلاح گُهري. وياکيان مالا ۾ تقرير ڏيڻ واري ودوان جو نالو پلي طئہ ٿيل هجي پر تعليم وزير ۽ ٻين سياسي اڳوانن جي مؤجودگيءَ سبب اُنهن مان ڪنهنکي منچ تي ويهارجي، اِهو فيصلو منجهائيندڙ هو. ڪنهنکي بہ ڇو نہ گهرائجي، ضرور وواد ٿيندو. ميمبرن سان مشورو ڪري هنن سنيوجڪ کي صاف هدايت ڏني تہ ڪنهن بہ سياسي شخص کي منچ تي ويهڻ لاءِ نينڊ نہ ڏيڻي آهي. خوديءَ کي ضرب نہ محسوس ٿئي، تنهنڪري سيني اَهم سياسي اڳوانن کي پاڻ وڃي نينڊ پتر ڏيئي اَچجن. مڪاني سنيوجڪ هدايت موجب بندوبست ڪيا.

پروگرام شروع ٿيڻ تائين هال ۾ حاضرينن جي ڳٽپ چڱيري ٿي ويئي هئي. شهر جا خاص ليکڪ، ودوان، پروفيسر ۽ ٻڌيجيوي ۽ سُريلا شخص آيل ڏسي کين سٺو لڳو. وياکيان مالا ۾ تقرير ڪرڻ وارو ودوان اَچي ويو هو. حڪمران پارٽيءَ جو ڪو اڳوان، ايم. ايل. اي. يا وزير ته نه آيا پر پروگرام شروع ٿيندي ئي اڳوڻو تعليم وزير اَچي آخري قطار ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪنهن وقت هوُ ساهتيه سنستان جو وزير رهيو هو. هاڻي عام ماڻهوءَ وانگر ٻڌندڙن ۾ ويهي، واجب نه هو. هنن سوچيو، چوندن جو ماحول شباب تي آهي. جيڪڏهن اڳوڻي تعليم وزيرڪي منچ تي ويهاريو ٿو وڃي ته مخالفتي پارٽيءَ جو پاسو کڻڻ جا الزام لڳي سگهن ٿا. نامزدگيءَ سان جوڙي ساهتيه سنستان جي صدر جا اڳاپا مخالفت ڏرسان ثابت ڪرڻ ۾ نه حڪمران پارٽي کيٻائيندي ۽ نه ميڊيا دير ڪندو. ڪشمڪش سبب هوُ فيصلو وٺڻ ۾ قاصر هئا ته اڳوڻي تعليم وزيرڪي منچ تي ويهڻ جي نينڊ ڏجي يا نه؟

ٻاهران سياويڪ نظر ايندي به اندر ۾ هوُ ٻاڻسان ڳالهائي رهيا هئا. اڳوڻو تعليم وزير هُنن سان يا سنستان سان پنهنجائپ محسوس ٿو ڪري، تنهنڪري آيو آهي نه پروگرام ۾؟ جيڪڏهن ڪيس منچ تي ويهاربو ته الڳ - الڳ طبقا ڪو به مطلب چو نه ڪڍن پر اڳوڻي تعليم وزير جي من ۾ اِها ٻاونا مضبوط ٿيندي ته ساهتيه سنستان جو صدر سندس پنهنجو ماڻهو آهي. پنهنجيءَ پارٽيءَ ۾ اڳوڻي تعليم وزير جي خاص اَهميت آهي. سرڪاريون ايندريون ويندريون رهنديون آهن. ممڪن آهي، ٻئي دفعي سندس پارٽيءَ جي سرڪار ٺهي ۽ هوُ وڏو وزير بڻجي وڃي. ڪيس منچ تي گهرائي هوُ هڪ نموني اَنب جو ٻوٽو پوکيندو، جنهنجا ڦل اَڄ ڀلي نه ملن، سياڻي ضرور ملندا. نئين سرڪارَ اُن پارٽيءَ جو ڪو به اڳوان نه آيو آهي. ٿي سگهي ٿو، اڳوڻي تعليم وزيرڪي منچ تي ويهارڻ جي ڳالهه آئي وئي ٿي وڃي. جيڪڏهن سوال مڇي ٿو ته دليل ڏيئي ٿي سگهجي، اڳوڻي تعليم وزيرڪي اڳڏنو ڪري سنستان پاڪي اَسيه ثابت ڪري ها. ڪيس منچ تي ويهاري اَسان اُنهن ملهن جي رکشا ڪئي آهي جنجي واڌاري لاءِ ساهتيه سنستان عهد سان ٻڌل

آهي. اَسان سياست ۽ پارٽيءَ کان مٿيرو ٿي فيصلو ورتو آهي. هڻ ڪڻ ڪي ساهتيہ ڪان پري رکي ڪري ئي سماج کي سنسڪارت ڪرڻ ممڪن آهي. هنن دل ۾ فيصلو ڪري ورتو تہ اَڳوٽي تعليم وزيرکي منچ تي ويهارڻو آهي.

اِشارو ڪري هنن موجود سرڪار ۾ وزير جي ويجهي سنستان جي ميمبرکي منچ تي گهرايو. ڳالهہ ٻڌائي ڪيس چيو تہ حال ۾ حاضر ساهتيہ سنستان جي عهديدارن سان صالح ڪري اَڳوٽي تعليم وزيرکي منچ تي ويهارڻ نسبت فيصلو ڪري جاڻ ڏي. جلد ئي موٽي هن ٻڌايو تہ سيني جي راءِ هڪ جهڙي نہ آهي. بهتر ٿيندو ڪين جيئن نيڪ لڳي، طئہ ڪن.

جواب اَچڻ ڪان ترت پوءِ هنن مڪاني سنيوجڪ کي اَڳوٽي تعليم وزيرکي عزت سان منچ تي وٺي اَچڻ جي هدايت ڏني. سنيوجڪ جي عرض کي جڏهن اَڳوٽي تعليم وزيرنہ مڃيو تہ منچ تان هيٺ لهي هوُ پاڻ هن وٽ ويا ۽ هٿ ڪان جهلي ڪيس مٿي وٺي آيا. هال ۾ حاضر ٻڌندڙن زوردار تاڙين سان آجيان ڪئي تہ هن ڪان اَڳ ۾ پنهنجي فيصلي تي ڪين جيڪو ٿورو گهڻو شڪ هو، اُهو بہ نيست نابود ٿي ويو. تقرير اثردار هئي. پروگرام ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ماحول حاصلات جي احساس سان ٽمٽار هو. اَڳوٽي تعليم وزيرکي منچ تي بيشڪ ويهاريو ويو پر ڪيس ڳالهائڻ لاءِ نہ گهرايو ويو. مٿان بينل چوندن کي ڌيان ۾ رکندي ڪنهن خطري کي نيند ڏيڻ مناسب نہ لڳو هننکي.

جيئن اُميد هئي، نندي‌ءَ چوند ۾ وڏو وزيرسوڀارو ٿي اَسيمبليءَ جو ميمبر بڻجي ويو. اُميد جي اَنوسار ئي ساهتيہ سنستان جي ميمبرڪين پنهنجي دوست وزير جي ناراضپي جو سنديش پڻ ڏنو. نائب صدر ۽ اُن ميمبرکي گڏ وٺي هوُ وزيرسان ملڻ ويا. ڪين پروسو هو تہ حالت ڪان واقف ٿيڻ ڪان پوءِ وزيرجو ناراضپو دوُر ٿي ويندو.

مقرروقت تي ٽيئي وزير جي ڪمري ۾ پهتا. وچڻ شرط وزيرچانهہ گهرائي ٿوري گهٽي روايتي ڳالهہ ٻولهہ ڪان پوءِ مدي تي اَچڻ جي مقصد سان هنن سوال پڇيو، ’ٻڌو آهي، توهان اسان ڪان ناراض آهيو؟‘

’ها، آهيان. عين چوند وقت وڏي وزير جي علائقي ۾ وڃي توهان ساهتيہ

سنستان کي مخالفتين جي منچ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو!‘

’ائين ناهي. اڳوڻو تعليم وزير پروگرام ۾ اچي ويو تہ مجبور ٿي ڪيس منچ تي گهرائڻو پيو. وري اِهو فيصلو مون اڪيلي سر نہ، سڀني گڏجي ڪيو هو.‘

’منچ تي نہ ويهاريوس ها تہ ڇا ٿي وڃي ها؟ وڄ ڪِري ها؟‘

’وڄ تہ نہ ڪري ها پر ملهہ قتل ٿي وڃن ها.‘

’واہ، واہ، اَسانجي مخالفتين کي منچ تي ويهاري توهان ملهن جي رکشا ڪئي آهي!‘

’ڏسو، هڪ عزتدار شخص هال ۾ آيو هو. اَسانجو فرض هو تہ ڪيس منچ تي ويهاريون. ساهتيڪارن کان پارٽي سياست موجب وهنوار جي اُميد رکڻ مناسب نہ آهي.‘

’نہ وساريو تہ اَسانجي سرڪار جي مهربانيءَ سان اَڄ توهان ساهتيہ سنستان جا صدر آهيو. اَسان چاهيون ها تہ توهانکي هڪ ڏينهن بہ هن عهدي تي رهڻ نہ ڏيون ها.‘

اَڃا تائين هو شانت هئا. آخري جملو ٻڌڻ کان پوءِ ڪين لوڳ‌ڙين ۾ خون لهندو محسوس ٿيو. ڏيرءِ گنڀير رهڻ واري سُر ۾ چٽگون پرجي ويون، توهان کي جو وهم آهي وزير سائين تہ اَڄ مان ساهتيہ سنستا جو صدر توهان يا توهانجي سرڪار جي مهربانيءَ سان آهيان. مون وٽ هن عهدي تي رهڻ لاءِ ٽن سالن جو حڪنامو آهي.‘

’تہ ڇا ٿيو؟ اَسان چاهيون تہ توهانکي هاڻي جو هاڻي برخواست ڪري سگهون ٿا.‘

’نيڪ آهي، ڪري سگهو ٿا تہ ڪري ڏيکاريو. مان دُهل تي ڏؤنڪو هڻي ٿو چوان تہ پنهنجي معياد پوري ڪندس، ڪندس. ڪندس.‘ غصي ۾ اپُامندي هوُ ڪرسيءَ تان اُٿيا.

’ڏسو، ڪيئن ٿو ڳالهائي؟‘ سندن سان گڏ آيل ٻنهي چٽن ڏانهن ڏسي وزير چيو. ڪوئي جواب نہ ڏيئي بنا رُڪئي هوُ ٻاهر نڪري آيا. ساهتيہ سنستان جو نائب صدرءِ وزير جو ويجهو ميمبر بہ سندس پنيان ٻاهر اچي ويا. عمارت

مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ نائب صدر چيو، ’توهانکي غصو ڏاڍو جلدي ٿو اچي.‘

’نہ اچڻ کپي غصو؟ اهڙي بي ادبيءَ کان پوءِ بہ شانت رهڻ گهرجي؟‘

’طريقو ڀلي ٺيڪ نہ هجي پر وزير ڪا غلط ڳالهہ تہ چئي ڪانہ هئي.‘

’ڪيئن نہ چيائين غلط ڳالهہ؟ اڳوڻي تعليم وزير کي ڌڪا ڏيئي هال مان ٻاهر ڪيون ها تہ هنکي سٺو لڳي ها.‘

’اهڙي ڪا ڳالهہ تہ چئي ڪانہ وزير.‘

’ڪا ڪسر ڇڏيائين ڇا؟ هُنجي سرڪار جيڪڏهن ساهتيہ سنستان جو صدر نہ مٿيو آهي تہ فقط اِنڪري ڇو تہ مون ۾ اِن عهدي جي لياقت آهي. ۽ وزير ٿو چوي، تون اسانجي مهربانيءَ سان صدر آهين؟ اهڙا عهدا مان پنهنجي جوتي جي نوڪ تي رکندو آهيان.‘

’تڏهن بہ، اهڙي نموني للڪارڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟‘

’ڇا بگاڙيندو منهنجو؟ برخواست ئي تہ ڪرائيندو. عدالت کان منع نامو وٺي ايندس. ڏسون ڪيئن ٿا برخواست ڪن مونکي؟ سندن غصو برقرار هو.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي تيستائين ٽيئي سيڪريٽرئيٽ جي پارڪنگ تائين پهچي ويا هئا. هڪ - ٻئي کي الوداع چئي، تناءَ ۾ واهڻ ڪٽي هوُ روانا ٿي ويا.

جيئن - جيئن ڏينهن گذرندو ويو، سندن غصو ڍپ، چنتا ۾ اُلٽي ۾ تبديل ٿيندو ويو. بي آرامي ۽ بي چئني وڌندي ويئي. بک غائب ٿي ويئي. اهڙي نموني ضابطو نہ وڃائڻ کپندو هو. جيڪڏهن تعليم وزير سان ڳالهائي برخواست ڪرائي ڇڏيائين تہ .....؟ عدالت ۾ ويندس تہ وقت ۽ پئسو تہ لڳندو ئي، اٽميو تناءُ بہ ٽوڙيندو. سرڪار وٽ پنهنجا وڪيل آهن. مقدما لڙڻ لاءِ با انتظام ڍانچو آهي. هُننجو ڇا ويندو؟ فضيحت ٿيندي تہ شخصي سطح تي منهنجي ٿيندي. چڱو ڀلو سيني کي ساڏي سوڏي تيار ڪيو هو. جوش ۾ اچي وزير سان مريادا جي برخلاف وهنوار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ آئينده ڌيان رکڻ جو دلاسو ڏجيس ها تہ ڳالهہ آئي وئي ٿي وڃي ها. سياست وارن کي ڪنهنجي قابليت سان ڪهڙو مطلب آهي؟ جنهنکي ساهتيہ سنستان جي صدر جي ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيندا، اُهو ئي قابل چوارائڻ

لڳندو. مخالفت ڌُر جي سرڪار طرفان نامزد صدرڪان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بحث-مباحثي جي ضرورت ڪير تو محسوس ڪري؟ سرڪار ٻيءَ ڌر جي نهندي آهي ته ائين ئي ٿيندو آهي هميشه. هن دفعي به ٿي وڃي ته تعجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ گهاٽي ۾ فقط مان رهندس. ناموُس، عهدو، عزت سڀ مٽيءَ ۾ ملي ويندا. اَهڙي نوٻت صرف وزيرسان ڪيل منهنجي اڻ گهربل وهنوار جي ڪري ايندي. هي ڇا ڪيو مون؟ اندر ويٺل اهنڪار حدون ٽوڙي ڪيئن حاوي ٿي ويو مونتي؟

آنڌ مانڌ ننڍ اڏُائي ڇڏي هئي هننجي. پنهنجي ڪيل بيوقوفي نانگڦٽي ٻڌجي ڪين حيران ڪري رهي هئي. چنتا ضربي رهي هئي. اٿُل پٿُل حواسن کي اپُا ساهه ڪڍڻ لاءِ مجبور ڪري رهي هئي. ڪين پنهنجي رچيل چڪرويوهه مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ فقط هڪ اپُاءُ نظر اَچي رهيو هو. وزيرڪان معافي وٺڻ! جيڪڏهن معافي وٺندا ته امُيد آهي وزير معاملي کي اڳتي نه وڌائيندو. مصيبتن کي نوتو ڏيڻ ۽ اڻوڻندڙ حالتن جي ڄار۾ ڦاٿڪڻ کان بهتر ٿيندو آڻ مڃجي. جيڪڏهن صبح جو وزير جي گهروڃي، ايڪانت ۾ ڳڏجي، پنهنجي وهنوار لاءِ هوُڪائنس معافي ٿا گهرن ته شايد ڪا خرابي نه آهي. ساهتيه سنستان جي نائب صدرءِ هڪ ميمبر جي سامهون هنن وزيرسان بي اَدبي ڪئي هئي. معافي اَڪيلائپ ۾ گهرندا. ڪنهنکي پتو به نه پوندو ۽ سنڪٽ کان مڪتي ملي ويندي. جڏهن هوُ مڃن ٿا ته غلط ڪيو آهي ته پوءِ تسليم ڪري طوفان شانت ڪرڻ ۾ ئي سمجهداري آهي.

هن فيصلي تي پهچڻ کان پوءِ به ننڊ سندن اَکين کان ڪوهه پري هئي. دل ۽ دماغ بي صبريءَ سان سڄ جي پهرئين ڪرڻي جو انتظار ڪري رهيا هئا. هر روز نموُدار ٿيڻ واري صبح کان جدا هڪ اَهڙي پرڀات جو اِنتظار جڏهن وزير جي بنگلي تي وڃي هوُ ڇئني پاسي گهڙي آيل ڪارن ککرن کي ڇڙ و ڇڙ ڪري سگهندا.

**D - 183, Malviya Nagar,**
**Jaipur - 302017**



ڪهاڻي / لکمي ڪلاڻي
(هن سال جي نوبيل پرائيز وجيتا ملالا ۽
ڪئلاش ستيارٿيءَ کي)

# لهڻي جو خواب

لهڻي من ئي من ۾ طئہ ڪري ورتو تہ هو هن هوٽل ۾ ڪم نہ ڪندو، موقعو ملندي ئي هتان ڀڄي نڪرندو. وري شهر واپس وڃي فوٽ پاٿ تي بوٽ پالش ڪندو يا ڪنهن ميم صاحب جي بارڪي گاڏيءَ ۾ گهمائيندو. اڄ بہ لهڻو صبوح جو پنجين بجي اُٿيو هو. سڄو ڏينهن ڊرائيورن کي چانهہ پيئاريندي، روٽي کارائيندي ۽ جهوٺا برتن مليندي مليندي، هينئر اَڌ رات جو هن پنهنجي لڱن کي ساٿو ٿيندو محسوس ڪيو. هن چاهيو ٿي تہ سامهون واري صندل تي ليٽي پوي. هن پنهنجون اکيون ٻوٽجنديون محسوس ڪيون.

ٻيءَ کن پنهنجيءَ پنيءَ ۾ ڪنهن نوڪدار شيءَ کي چڀندو محسوس ڪري، لهڻي جي منهن مان رڙ نڪري ويئي. هن اکيون کوليون. سامهون لالٽين کنيو هرنام سنگهہ بيٺو هو. هن جي هٿ ۾ ڪرپي هئي. هن جو ڀوائتو چهرو ڪيس ڏاڙهي رهيو هو. ’جڏهن ڏس ننڊ! ننڊ ڪرڻ لاءِ توکي پگهار ٿو ڏيان، سوئر جي اولاد! ائين مونڊانهن گهوري ڇا ٿو ڏسين؟ اُٿ حرامخور! ٽرڪ جو هارن نٿو ٻڌڻ ۾ اچيئي؟‘

پنهنجيءَ پنيءَ تي هرنام سنگهہ جي لت کائي، لهڻي پنهنجي اندر ۾ ڪجهہ جلندو محسوس ڪيو. هوُ ڏند ڪرٽيندو اُٿيو. ڪنهن ڏينهن هن لوڙي هرنام سنگهہ جي هٿ مان اِها ڪرپي کسي هو سندس ٻي ٻانهن بہ ڪپي ڇڏيندو ۽ سندس زمين ۾ پوري رکيل نوٽن جي پيتي کڻي هتان ڀڄي نڪرندو.

لهڻو پاڻيءَ جا ٻہ لوٽا ڀري ٻاهر کڻي آيو. ڊرائيور ۽ ڪلينر ٽرڪ کي پاسيرو بيهاري، پڌر ۾ وڇايل کٽن تي ڊگها ٿي ڪريا هئا. لهڻي پاڻيءَ جي لوٽن کي کٽ هيٺان رکندي کانئن پڇيو: ’ڇا کائيندا؟ دال تڙڪا .... مرغي .... چانور.... روٽي ....

ڊرائيور بدران ڪلينر اوپاسي ڏيندي چيو ’ڪجهہ نہ .... صرف چانهہ !‘

لهڻي کي ڪلينر جو هن نموني مشڪي هن ڏانهن نهارڻ اصل نہ وڻيو. لهڻي ڏنو گراهڪن کي روٽي نہ گهرجي، اهو ٻڌي لولو تہ وچي اندرئين سيڏي واري ڪمري ۾ سمهي پيو. ليڪن سڄي رات ڪيس ننڊ ٿورو ئي ايندي. وري ٻيءَ ڪنهن ٽرڪ جو هارن ٻڌي اُٿي ويهي رهندو ۽ هن جي ننڊ ڦٽائيندو. ’لهڻا ! او لهڻا !! سست جي اؤلاد ايتري ننڊ؟‘

ڪچن ڪوئلن کي وچڻي سان پچرائيندي دونهين سبب لهڻي جون اکيون جلڻ لڳيون. هن سوچيو، هي لاري ڊرائيور پاڻ سان گڏ ٻين جي بہ ننڊ ٿا حرام ڪن. نہ، هوُ هت نہ رهندو. اڄ ئي هتان ڀڄي نڪرندو. چونہ هن ڊرائيور کي چئي ڏسي؟ ليڪن ڊرائيور ڪيس وٺي هلڻ بدران جيڪڏهن هرنام سنگهہ کي ٻڌايو تہ؟ پوءِ تہ هي لولو ڪيس ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندو.

گلاس ۾ اڌ پاءُ ڪيرءَ اوترو ئي چانهہ جو پاڻي ملائيندي، لهڻي سوچيو چو نہ هو پنهنجي پيتي کڻي لاريءَ جي پنيان ٽپ ڏيئي چڙهي پوي. صبوح تائين ضرور هو هتان ڪافي پري دهلي يا بمبئيءَ پهچي ويندو. هڪ دفعو هتان نڪرڻ  بعد پوءِ ٿوروئي هيءُ لولو هرنام سنگهہ ڪيس پڪڙي سگهندو؟

ننڊ ۾ الوٽ ڊرائيور کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪندي لهڻي ڪيس چيو، ’شاهجي چانهہ !‘ ليڪن ڊرائيور ’هون!‘ ڪري پاسو بدلي ڇڏيو. ڪلينر چانهہ وٺندي هن سان ڇيڙخاني ڪئي. لهڻو ڪيس ڌڪو ڏيئي پڇي آيو. ’سوئر ! بدمعاش ! پاجي!‘ ڪلينر کي ڏند شيڪي ڪلندو ڏسي لهڻي کي هن مان ٻڇان اَچڻ لڳي. هنن ڊرائيورن ڪلينرن جي ذات ئي اَهڙي آهي.

لهڻي پئسا ڳڻي پيتيءَ ۾ رکيا. هن ڏٺو هيءَ ٽرڪ بہ گهر گهرڙ ڪندي، دونهون ڇڏيندي، جي ٽي روڊ تي پر ڦهلائي نظرڪان اوجهل ٿي ويئي. وري چوطرف اوندهہ، جهنگل جو ڊيڄاريندڙ ماحول ڇانئجي ويو.

ڇا هتان هن لاءِ ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو ڪونہ هئو؟ لهڻو کاٽ جي صندل تي ليٽي سوچڻ لڳو. هينئر ڪيس ننڊ نٿي آئي. وهاڻي هيٺان سانڍي رکيل هڪ ڪتاب ڪڍي، لالٽين جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ لهڻو تصويرون ڏسڻ لڳو.

هيءُ ڪتاب هتان ڪارِ لنگهندڙ هڪ انگريز صاحب وساري ويو هو. ضرور اِهو گورو صاحب پنهنجو ڪتاب ڳولهڻ لاءِ واپس موٽي ايندو ۽ ڪيس بخشيش ڏيندو. اُنهيءَ اُميد ۾ لهڻي ڪيترائي ڏينهن اهو ڪتاب حفاظت سان سانڍي رکيو هو. لهڻو ڪتاب ۾ پنهنجي هڪ دلپسند تصوير ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو. گول مٽول ڳاڙهن ڳٽول ٻارن جي تصوير. هو سڀ پنهنجي گهر ۾ ٽيبل تي پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ ماني کائي رهيا هئا. هنن سيني ٻارن کي ماءُ هئي، پيءُ هئو، پائر پينر هئا. پنهنجو گهر هئو. لهڻي پنهنجو وهاڻو آلو ٿيندو محسوس ڪري پاسو بدلائي ڇڏيو ۽ آهستي آهستي ننڊ کي پاڻ مٿان غالب ٿيندو محسوس ڪيو.

لهڻي ننڊ ۾ ڏٺو تہ هو پنهنجي ٽين جي پيتي کڻي هڪ نئين خوبصورت ديس ۾ پهچي ويو آهي. هن ديس ۾ صرف ٻارڙي ٻار آهن ۽ ٻارڙي هتان جو راڄ ڪاروبار هلائي رهيا آهن. ٻارن جي هن ديس کي ٻالڪستان ٿا چون. لهڻي ڏٺو هتان جي باغيچن ۾ قسمن قسمن جا گل ٽڙيل آهن، جن جي ارد گرد ننڍڙا گول مٽول ٻارپوپٽن جيان نچي ٽپي رهيا آهن.

اَڳتي هلي لهڻي ٻارن جا اسڪول ڏٺا، اَڇين اُجرين پوشاڪن ۾ سڀ ٻار ڪلاس ۾ ڪيتريءَ نہ شانتيءَ سان من لڳائي پڙهي رهيا آهن. راندين جي ميدان ۾ لهڻي کي ڪيترائي ٻار فوٽ بال، هاڪي ۽ بئٽ منٽن کيڏندا نظر اَچن ٿا.

ٻارن جي رهائش لاءِ وڏيون شاهي عمارتون آهن. انهن جا ڪمرا ڪيترا نہ صاف سٿرا آهن. سندن بسترن تي نرم گديلا ۽ اُنهن تي کير جهڙيون اَڇيون چادرون وڇايل آهن.

کاڌي جو هال جهرڪين جي چين چين سان گونجي رهيو آهي. ٻارن جي اَڳيان ٽماٽي جو سوُپ، ڊبل روٽي، مکڻ، کير، سايون ڀاڄيون ۽ صوفن، ڪيلن، نارنگين جون پليٽون رکيل آهن. لهڻو پنهنجو وات پاڻي پاڻي ٿيندو محسوس ڪريٿو. هن جي دل ٿئي ٿي تہ جيڪر هنن سان گڏ ويهي کائي.

لهڻو هڪ شاهي عمارت ۾ گهري ٿو. هيءُ ٻارن جو هنري مرڪز آهي. هت ٻار پنهنجا دلپسند رانديڪا ناهڻ ۾ رڌل آهن. هنري مرڪز جو رکپال ڇوڪرو

لھٽي کي ٻڌائيتو. اسانجا ناهيل هي رانديڪا دنيا جي سيني ملڪن ۾ پسند ڪيا ويندا آهن ۽ اهي پالڪستان لاءِ جهجهو ناڻو ڪمائيندا آهن.

لهٽو ڏسي ٿو تہ هن ديس ۾ ٻارن پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ڪم ورهائي ڪنيو آهي. واري سان ڪو رستن جي صفائي ڪري رهيو آهي تہ ڪو باغن ۾ ميون جا وڻ ٿو پوکي تہ وڏيون چوڪريون ننڍڙن ٻارن جي پرگهور لهي رهيون آهن.

هيءُ ڪلا ڪيندر آهي. هن هال ۾ ڪيترائي ٻار ٽپائيءَ تي ڪئنواس ٽنگي تصويرون چٽڻ ۾ مشغول آهن. هن هال ۾ جدا جدا سنگيت جا ساز وڄائڻ ۽ ڳائڻ جو اڀياس ڪري رهيا آهن. هيءَ شاهي لائبرري آهي، جنهن ۾ هزارين لکين ڪتاب آهن. ڪيترائي ٻار لکڻ پڙهڻ ۾ رڌل آهن، ڪي ڪهاڻيون ناول لکي رهيا آهن تہ ڪي ناٽڪ . ٻرواري هال ۾ ڪي ٻارنئين ناٽڪ جي ريهرسل ڪري رهيا آهن. لهٽي کي نوڪر جو پارٽ ڪندڙ تي ڪل ٿي اَچي. ان ڪان هو سنو پارٽ ڪري سگهيو ٿي.

لهٽو فيصلو ٿو ڪري تہ هن ديس ۾ هو بہ پنهنجي ٻارن جي برادريءَ ۾ رهندو. رستي تي هٽ ۾ هٽ ڏيئي لنگهندڙ هڪ چوڪري ۽ چوڪريءَ ڪان لهٽو پڇيتو. ’مان توهانجي ديس ۾ رهڻ ٿو چاهيان.‘ چوڪرو لهٽي کي جواب ڏئيتو، ’هن سامهون اونچي گنبنذ واري عمارت ۾ اسانجي ديس جو ڪاروبار هلائيندڙ آفيس آهي اتُي وڃي پنهنجو نالو لکاءِ.‘ لهٽي جي من ۾ هڪ شڪ جاڳيتو. هو ڪانئن پڇيتو، ’هن ديس ۾ ڇا صرف انهن ٻارن کي رهڻ ڏنو ويندو آهي، جن جا ماءُ پيءُ شاهوڪار هوندا آهن يا منتري وزير هوندا آهن؟‘

ٻئي ٻار لهٽي جي ڳالهہ ٻڌي کلن ٿا. چوڪري کيس چويتي ’اسانجي ديس ۾ صرف اهيئي ٻار ايندا آهن، جن کي پنهنجو ماءُ پيءُ ڪونهي.‘ لهٽي کي سندن ڳالهہ ٻڌي تسلي ٿئي ٿي.

’هل اَسين توکي آفيس تائين پهچائي ٿا اَچون.‘ ٻہ ئي ٻار لهٽي کي ان گنبنذ واري عمارت طرف وني ٿا هلن. لهٽو ڏسي ٿو تہ چوڪرو ڪارو حبشي آهي ۽ چوڪري اَڇي گوري. هن جي اندر ۾ ٻيو گمان جاڳيو. ٿي سگهيتو تہ هيءُ عيساين جو شهر هجي. عيسائي پادري هن طرح جون لالچون ڏيئي

جيئن لهڻي پڏو هو، اڪثر هن جهڙن يتيم ٻارن جو ڏرم بدلائيندا آهن. لهڻو پنهنجو اهو شڪ دور ڪرڻ لاءِ ڇوڪري کان پڇيتو، ’توهان هندو آهيو، مسلمان آهيو يا عيسائي آهيو؟‘ حبشي ڇوڪرو ۽ گوري ڇوڪري سندس ڳالهه ٻڌي هڪ ٻئي ڏانهن تڪين ٿا، ڄڻ ڪين ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هجي. آخر ڇوڪرو ڪيس چويٿو ’اها ته اسانکي خود خبر ڪانهي. اسان ته اجا ٻار آهيون.‘

ڇوڪري ڪيس چويٿي ’اهو پتو توکي اسانجي هن آفيس مان پئجي ويندو. ڏس هيءَ ئي آفيس اٿيئي.‘

ٻئي ٻارهن کان موڪلائي اڳتي وڌي ٿا وڃن. لهڻو هن گرجا گهر نما عمارت ۾ گهڙيتو. ضرور هن هال جي اندر عيساين جي ڀڳوان جي مورتي صليب تي ٽنگيل هوندي. جهڙي هن اڪثر سيني گرجا گهرن ۾ ڏٺي آهي.

برابر هيءُ هال به ڪنهن گهرجا گهر، مندر، مسجد جيان ئي صاف، پوتر شانت نظر اَچيتو. هت به اونچي پايي تي هڪ سنگمرمر جي مورتي آهي. ليڪن اِها ته ٻن ٻالڪن جي آهي. ٻالڪا جي هڪ هٿ ۾ ستارءِ ٻئي هٿ ۾ ڪنول جو گل آهي. ٻالڪ جي هڪ هٿ ۾ ڪتاب ۽ ٻئي هٿ سان هو ڪنڌي تي هر جهلي بيٺو آهي. لهڻو اَچرج ۾ پئجي ٿو وڃي. هن پتلي جي ٻارن جا چهرا هوبهو هن حبشي ڇوڪري ۽ گوري ڇوڪريءَ جهڙا آهن جيڪي اجا هينئر ڪيس هن عمارت تائين پهچائي ويا هئا.

پهرئين ماڙي تي هن شاهي گول ڪمري جون پتيون شيشي جون آهن جنهن مان لهڻي کي ٻالڪستان جي سندر شهر جو نظارو ڏسڻ ۾ اَچيتو. ڪمري جي وچ ۾ گول ميز جي چوڌاري ٻالڪستان جا يارهان ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري رهيا آهن. انهن مان هڪ ڇوڪرو لهڻي کي چويٿو، ’اسين يارهان ڄڻا هن سال لاءِ ٻالڪستان جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ چونڊيا ويا آهيون. مان هن مهيني لاءِ هن ڪاميٽيءَ جو صدر آهيان. منهنجو نالو فتح آهي. جيڪڏهن تنهنجي عمر ١٨ سالن کان گهٽ آهي ۽ توکي هن دنيا ۾ پنهنجو سڏڻ وارو ڪير ڪونهي ته تون اسانجي برادريءَ ۾ شريڪ ٿي سگهين

ٿو. هڪ ڇوڪري لهڻي کي مخاطب ٿي چوي ٿي : ’منهنجو نالو انپورڻا آهي. ڪاڏي خوراڪ جو بندوبست هن سال لاءِ منهنجي ذمي آهي. ٻالڪستان ۾ رهڻ جو هڪ ئي شرط آهي تہ توکي پنهنجي روٽي روزي پاڻ ڪمائڻي پوندي. چار ڪلاڪ ڪونہ ڪو هٿ جو پورهيو ڪرڻو پوندو. ان بعد تون چاهين تہ رانديون ڪري سگهين ٿو. ناچ ڳاني جو اڀياس ڪري سگهين ٿو. ناٽڪ ڪهاڻيون لکڻ چاهين تہ اُهي لکي سگهين ٿو. تنهنجي مٿان ڪا روڪ ٽوڪ ڪانهي.

ايتري ۾ هال جو گهنڊ ٿو وڄي. هنن ٻارن مان نرس جي پوشاڪ پهريل ڇوڪري اُٿي هيٺ هلي ٿي وڃي. ڪن منٽن بعد ئي لهڻو ڏسيٺو تہ هوءَ هڪ تازي ڄاول ٻار کي هنج ۾ کڻي ٿي اَچي. ۽ سيني کي ڏيکاري ٿي. ڏسو، هيءُ اسانجي ٻالڪستان جو نئون رهواسي آهي. هن جي ماءُ ڪيس هيٺ پٽلي وٽ ڇڏي ويئي آهي ڪيس هن جي ضرورت ناهي. ليڪن اسانکي آهي. اسين هن کي پالي نپائي ٻالڪستان جو سنو رهواسي بڻائيندا اسين.

سيپئي ميمبر هن ٻار کي ڇوڇ مان ڪڻن ٿا. هڪ ڇڻو ٻار جو وزن ٿو نوٽ ڪري، ٻيو اُهو رجسٽر ۾ ٿو نوٽ ڪري، ٽيون ٻار جي ڳچيءَ ۾ نمبر جو هڪ ٻلو ٿو پهرائي ٦ ٣ ٥ ۴. چوٿون ڇڻو ڪئميرا سان ٻار جو فوٽو ٿو ڪڍي ۽ پوءِ نرس جي پوشاڪ پهريل ڇوڪري جنهنکي نائيٽنگيل ٿا سڏين، ننڍڙي ٻار کي نرسريءَ ۾ پهچائي اچڻ لاءِ کڻي ٿي وڃي. هنن يارهن ئي ٻارن جا ڪلمڪ ڇهرا، پنهنجائپ جو وهنوار لهڻي کي موهي ٿو ڇڏي. هوُ هينئر ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي هنن جي وچ ۾ وينو آهي.

هڪ ٻيو ڇوڪرو لهڻي کي چويٿو. ’منهنجو نالو بهادر آهي. مان ٻالڪستان ۾ انتظام رکڻ جو ڪاتو سنڀاليندو آهيان. اڳوات ئي توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ جيڪڏهن تنهنجو هت من نہ لڳي، تہ تون ڪڏهن بہ اسانجو ديس ڇڏي وڃڻ لاءِ آزاد آهين. اسانجي ملڪ جي چوگرد نہ ڪا ديوار اڏيل آهي ۽ نہ ئي ڪو پوليس جو پهرو آهي.‘

ڪاميٽيءَ جو صدر جنهنجو نالو فتح آهي، لهڻي کان پڇيٿو : ’هينئر ٻڌاءِ، توکي اسانجي ٻالڪستان جو ياتي ٿيڻ منظور آهي؟‘

لهڻو جهٽ ڪنڌ ڌوڻي هامي ڀريٽو، ’مونکي منظور آهي.‘

’نيڪ آهي اڄ کان تون اسانجو ڀاڱ آهين. هينئر تون رجسٽر ۾ پنهنجو نالو لکاءِ. توکي پنهنجو پراڻو نالو پسند نہ هجي تہ اُهو خارج ڪري، نئين نالي جي چونڊ ڪري سگهين ٿو. اَسان وٽ هت هزارن نالن جي فهرست آهي. پهاڙن جا نالا، ندين جا نالا، گلن جا نالا، وڻن جا نالا، جيڪو نالو توکي پسند اچي اُن جي چونڊ ڪري ڇڏاءِ.‘

لهڻو سوچ ۾ پئجي ٿو وڃي. ڪهڙو نالو لکائي؟ هرنامسنگهہ کيس لهڻو سڏيندو هو. عثمان علي ڪاسائي کيس ’الله ڏنو‘ ۽ بوٽ پالش ڪندڙ ڇوڪرا کيس جان. ليڪن ٿيئي نالا کيس پسند ڪونہ هئا، هن فهرست ۾ ڏنل هزارين نالا کيس منجهائي ٿا ڇڏين. هماليہ، هماچل، ڪوهہ ڪاف، گلاب، رابيل، جواهر، موتي. ڪهڙي نالي جي هو چونڊ ڪري؟ آخر خفي ٿي لهڻو کين چويٽو، ’توهان پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق مونتي ڪو نالو رکو .... يا هن ٻار جيان مونتي بہ ڪو نمبر جو ٻلو ئي لڳائي ڇڏيو. ۴۵۳۷.‘

هن جي ڳالهہ ٻڌي ڪاميٽيءَ جا سڀ ٻارکلن ٿا. فتح کيس چوي ٿو : ’ٻارجي ٻچيءَ ۾ تہ اِهو ٻلو سهوليت خاطر وڌوسين. ليڪن ساڄهہ ايندي ئي اِهو ٻار بہ پنهنجي نالي جي پاڻ چونڊ ڪندو. اهو ئي اسانجي ٻالڪستان جو نيم آهي.‘

لهڻي جي دل ۾ هڪ ٻيو سوال ٿو اُٿي. هو ڪانئن پڇيٽو : ’سمجهو مان اڄ پاڻ تي ڪو نالو رکانٿو، ٻن ڇئن سالن بعد اهو نالو مونکي نٿو وڻي، پوءِ هن غلطيءَ جو سڌارو ڪيئن ٿيندو؟‘

هن دفعي انپورڻا کيس جواب ڏئي ٿي : ’ٻن ڇئن سالن بعد توکي ٻيو بهتر نالو نظر اَچي تہ تون هيءُ نالو بدلائي، پاڻ تي نئون نالو رکج. ضرور عقل ۽ انيو وڌڻ سان تنهنجي پسندي بہ بدلجندي. اهو سياويڪ آهي. ان کي اسين غلطي نٿا مڃون.‘

لهڻو فيصلو ڪري ٿو وني : نيڪ آهي منهنجو نالو لکو ’آزاد‘. لهڻي ويجهڙائيءَ ۾ آزاد ڊاڪوءَ جي هڪ فلم ڏٺي هئي. آزاد جي حيرت انگيز ڪارنامن کيس موهيو هو.

پالڪستان جي ڪاروبار ڪاميٽيءَ جو هڪ ميمبر رجسٽر ۾ لهڻي جو نئون نالو درج ٿو ڪري ’آزاد‘. سڀ آزاد سان هٿ ملائين ٿا. پاڪر پائين ٿا. ڪيس ڪيڪارين ٿا. اڄ ڪان ونئي لهڻو سينئي لاءِ آزاد آهي. آزاد. آزاد نالي جا پڙاڏا شاهي گول گنبذ ۾ گونجن ٿا. آزاد! .... آزاد! ...... آزاد .......!

انهن پڙاڏن جي گونج ۾ لهڻي جي ننڊ کلي ويئي. پنيءَ ۾ نوڪدار شيءِ چڀندي محسوس ڪري هن جي منهن مان رڙ نڪري ويئي. اڪيون مهٽيندي هوُ اٿي وينو. سامهون هرنام سنگهه جو ڏاڙهيندڙ چهرو ڪيس نظر آيو.

’سست جي اولاد! ايتري ننڊ! مونڊانهن اٺين گهوري گهوري چا ٿو ڏسين. سوئرا ...... اُٿ! ............

لهڻو بي دليو اُٿيو. منهن ڌوئي، ٿڌي ٿي ويل چلهه ۾ ڪائين جا چوڏا رکندي، انهن تي گاسليٽ ڇڻڪندي، ماچيس جي تيليءَ سان باهه ڏنائين. سپني ۾ ڏٺل ڪي ڌنڌلا ڌنڌلا عڪس اڃا هن جي ذهن ۾ ڦري رهيا هئا. دونهين سبب هن جون اکيون جلڻ لڳيون. ’پالڪستان‘ ۽ ’آزاد‘ ......

لهڻي ڏٺو، صبوح ٿيندي ئي لارين جي اَچ وڃ تيز ٿيندي ويئي. جلدي جلدي چانهه جا گلاس ناهيندي، لهڻو سوچڻ لڳو اڄ بہ سچو ڏينهن ڪالهه وانگر گذرندو. چانهيون ناهيندي، هنن ڊرائيورن ڪلينرن کي روٽي ڪارائيندي، ڊوڙي ڊوڙي جونيون ٿالهيون گلاس مليندي هن جا لڱ ساڻا ٿي ويندا. هو ليٽڻ چاهيندو ليڪن هرنام سنگهه جي اِها تيز ڪرپي اکيون بوٽڻ نہ ڏيندي. چا هت پڇي نڪرڻ جو ڪو رستو ڪونہ هو؟ چلهه کي تيزيءَ سان وڃڻو لوڏيندي، لهڻو جي. ٽي. روڊ تان هڪ ٻئي پنيان ٽرڪن کي تيزيءَ سان ڊوڙندو دونهون ڇڏيندي هڪ ٻئي پنيان ويندو ڏسندو رهيو.

(سورٺ خاص پالڪ انڪ ۱۹۷۹)

**6, Maleer,**
**WArd 4/A,**
**Adipur - 370205**



تاثرات / اَرجن حاسد
(گوپ ڪمل جو غزل - سنگره)

# ’پن ڇڇڻ جو آواز‘

غزل شاعريءَ جي اُها صنف آهي، جيڪا هٿ ڦُراند ڪندي هلندي آهي، سنهڙي سنهڙي هوُنگارَ ڪندَ ڏوٽيندي، پنهنجي ئي موءِ ۾ وک وک کٽندي ويندي آهي.

تنهنجي دل ڪان تہ مان پري ناهيان
رڙ نہ، پڻ پڻ سان ئي سڏيندو ڪر

غزل ۾ غزليہ سوادُ بہ هئڻ گهرجي، ڪنهن بہ بهاني محبوبا سان لڪ ڇپ جي راند، اِن صنف جي خاصيت آهي. هونئن استري پرش جي وچ ۾، اهڙو ڇا آهي، جيڪو ڪين جوڙي ٿو، ڏکوئي ٿو، جهوري ٿو. ڪنهن نقاد چيو، شاعريءَ ۾ اِشاريت وارا ڏنگ ونگ ڏاڍا ٿا ڏيو، اهي اجايا بهتان آهن. سائين، اهي وات وارا وروراڪا ئي تہ زندگيءَ کي ڏيک ويک ڏين ٿا. اهي جلوه، اِهي اڙٻنگايون، آوارگيون، بدناميون ئي تہ عمر ڀر جا قصا بڻجي، آد ڪان دهرائبا آيا آهن. ڏاڏي ڏاڏيءَ، ناني نانيءَ وٽ بہ تہ لڪايون هيون، ڳرانڙيون هيون. اڄ اُهي ئي، اُنهن وٽان، آسيس ۾، اسان وٽ امانت طور آهن، جيڪو خيانت ڪندو، اُهو پنهنجي نيت پوڳيندو.

سچ پچ ڏاڍو رسٽو آهين
سمجهيوسين تون پرچي ويندين

توکي ڪولي ڇا چوندسِ
ڇهرو ڏس، خود سمجهي ويندين

فن ۽ فڪر گڏوگڏ هلن ٿا، فن ۾ ننڍڙيون، نہ جهڙيون، جهيٽيون جهيٽيون

نزاڪتون آهن، فڪر الائي ڪٿي ڪٿي ٿو رلي پنڪي، اُڏامي، سرشتيءَ ۽ پرڪرتيءَ جي جوڙ ۽ جنسارَ، رنگ روُپ جو ديدار ڪرائي، آڪاس جي اولڙن کي هزارين اُهڃاڻ آهن، ترورا آهن.

ڪوڙ تي چو ڦڪو ٿيئہ چهرو
ڪنهن پڪي رنگ سان رڱيندو ڪر

ڦڪو رنگُ سچ پڌائيندو آهي، لڙڪَ لڙي ايندا آهن.

غزل جي هرهڪ شعر کي الڳ الڳ درشيہ آهن. ناز نياز بہ الڳ، انڪري غزل اڄ جي نمڪين، چشڪيدار چاٽَ وانگر آهي، پاڻي پوُريءَ وانگر ڏند ڏيٺو ئي نہ پوي.

سادو چهرو رکندو آهي
بند لفافو لڳندو آهي

ڪوڙ پيا ڪئين ڳالهائيندو
تلڪ نرڙ تي هڻندو آهي

سرلتا، معصوميت، طنز ۽ بهروپ بہ آهي. سڄون صرف بہ بہ، خلقيندا وڃو پنهنجن احساسن ۽ اعتبارن کي. پاڻ ڏي بہ نظر ورائيندا هلون، اُهي اسان پاڻ آهيون، نڪا پاڻ کي ٽٽوليون، نڪا پاڻ سان ڳالهايون، ڏُک پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرڻ بہ اسان کي اَچي نٿو.

اندر ڪوئي طوطو ناهي
خالي خالي پڃرو آهيان

شاعر جي ٻولي رواجي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري. طوطي جو قدر گهٽو آهي، جي وڏو جُهنڊ گڏ هجي، تہ سڄو ڏيهہ اوهانجا ڳڻ ڳائي، پڃرو خالي تہ ڪرسي بہ ڪريو پوي. جي جاپ جپڻ نٿو اَچيوَ تہ ڪير پُڇندو.

ظاهر ڪڏهن بہ ڪنهن سان نہ ناراضگي ڪندو
رسٺو اَٿس پئي سان ۽ مون سان ڪٿي ڪندو

عشق وارن جي ڳالهہ هرويرو چو ڪيون، زال مڙس جي وچ ۾ بہ ساڳي ويڏن آهي، ڪٿي ڪبي ئي انڪري آهي جو وري پرچڻ پرچائڻ جو لطف ئي ڪجهہ اڙ

سِمر سِمر چئي، گهڙيو هو وڏي شوق سان ڪمل
ٻاهر اَچڻ لاءِ مگر در کلي نٿو.

سنهڙي سنهڙي رهندڙ اَچي، زخم تي ڪرنڊ ڪٽي ٿو ڍڪجي، اُها ئي ڪيفيت پلي سالن کان پوءِ، عمر جي پوئين پهر ۾، ساڻس منجهي، تہ سامهون بيٺو هجي، اُها ئي پڪڪ، اُها ئي اڪ ۾ الجهيل مُرڪ، شعورواريءَ سمجهہ ڪي، ٻيو ڇا گهرجي.

قُرڪڻ ڇپن جو سمجهہ ۾ آيُن ڪٽي ڪمل
مون ڪيترا سنيها هوا تي لکيا هئا

تن ڪي چمڻ جي لاءِ ئي، تارا جُهڪيا هئا
تو جن هٿن سان چنڊ جا ڳوڙها اُگهيا هئا

رات ڪو سپنا چمي ويو
روح ۾ ڪا راڳڻي آ

شاعر جي اُڃ ۾ ڪيتري تڙق آهي، جيڪا ڪيس، پاڻ ڪي رنگ ۽ برش سان چٽڻ لاءِ پتڪائي ٿي. چٽڻ جي وري معنيٰ ڪيئن ٿا پڇو، رڻ پٽ ڪيڏو نہ وڏو آهي. سچ ڪي ڏسڻ جي سگهہ، مات ڏي وٺي ويندي آهي.

تنهنجو چهرو پئي ڏٺم
تو الائي ڇا ڇيو
تون تہ مشهوُر ساري دنيا ۾
توکان نالو پڇڻ لڳا آهن

فنڪار ڪي ئي ذلتن جي لذت ماڻڻ ايندي، فرق ڪونہ پوندو، خودداري اُتان ڪَرَموڙڻ سگھندي آهي.

ذلتن سان ناهہ ٿا ڪن
خير منهنجي ڳالهہ ٻي آ

مار ڪائي ٻار سُڏڪي
ساڳي حالت ماءُ جي آ

پانڪ، جي شاعر جي ماءُ جو آستان گرهڻ ڪرڻ لاءِ، مچي وڃي، ٻولي اَسانجي ماءُ، اَنگل آرا ڪرڻ نٿي ڏئي هاڻي، هوءَ پاڻ سڏڪن ۾ آهي، ٻار جي رون رون ڪيئن بند ٿئي، لولي ڪير ڏئي. شاعر ڪي توهان سان پاڻ ونڊڻو آهي، روئڻ ڏيو ڪيس.

هوءَ سڄي چانوَ کي لٽي تا پڇن
تو رڱو ايترو ئي پوکيو آ

مُرڪ ڪهڙي بہ اگهہ خريد ڪجئن
جاڻ تو بند هي دڪان ٿئي

اَسان سڀ سڀئي پوشاڪون پائي وينا آهيون، ڪيترين ئي فلسافين، وادَ ۽ اڳوات گهڙيلَ، سنواريلَ، سينوَر لڳل نظريا اسانجن ڪيسن ۾ سٽيل آهن، منهنجي ديهہ ڪنهن وائکي ڪپڙي سان ڍڪيل آهي، ڪن ڪن جون ڇهڪندڙ هوائون اَچي ڏونڌاڙينديون آهن. سادنا، ايڪاگرتا، فن ۽ فهم کي وات ڏيکارينديون هلنديون آهن، ڪٿي ڪنهن اوٽ ۾، موڙ وٽ آرادنا بہ اچي رلمل ٿي ويندي آهي. ساهتيہ جي هر صنف انسان کي فهميدو بڻائڻ ۾ واهر ٿي ڪري.

دل جي دڪ دڪ بہ پئي هيسائي
رات جو ڪير تو در کڙڪائي

هٿ ڪٿي، پير ڪٿي، سوچَ ڪٿي
ڪيترو پاڻ کي تو ڦهلائي

هڪڙو پي داغ نہ ڇهري تي ڪمل
آئينو ڪوڙ چو تو ڳالهائي

آئيني جو ڏوهہ ڪونهي آخرمن جي ڪارنهن سان، ڪيترو ۽ ڪئن ڪئن الي سگهندو، ڪٿي ڪٿي ڪهڙا ڪهڙا سمجهوتا ڪري سگهندو.

شاعري Fine Art، لطيف فن آهي. صرف ڪاغذ پين ۽ توهان پاڻ اڪيلا سنگيت، نرتيہ، چترڪاري، سنگتراشيءَ ۾ ڪيترا اوزار ڪيترا ڏيک ويک، رنگ روپ، سَڄ ڌَڄ، ويس وڳا گهرجن، ساٿ سهڪار گهرجن، تہ بہ معنيٰ مطلب ڪير بہ نٿو پڇي.

اڄ بہ ڪي شعر پڙائيندو، ڪمل بور ڪندو
دڳ مٽائي تا لنگهون، پو بہ ڏسي وڻندو آ

گوپ ڪمل هن ڪان اڳ غزل جا ٻہ مجموعا، 'چانوَ ويڙهيل جسم' ۽ 'سڄ اڳيان پُڪ'، سنڌي ساهتيہ ۾ پنهنجي جاءِ والارڻ لاءِ، اسان کي ڏيئي چڪو

آهي، هيءَ سندس ٽيون، غزل جو مجموعو آهي، عنوان اَٽس ’پن ڇڇڻ جو آواز‘، عنوان تہ ڏيان گھڻو ڇڪائي ٿا وڃن، سندن رچنا سنسار بہ دلڪش آهي. غزل اڄ جي دلفريب صنف ٻڻي ٿي وڃي، ان سان نباهڻ آهي ستارجي تارن تي آڱر جا نشان ٻڌائڻ، ڇيڻ، ڇڻڳ، ڇيريندي هوائن ۾ پري پري تائين پهچندي آهي. ڪنهن بہ فن ۾ گنجائشون تہ رهنديون ئي رهنديون، اوڻايون بہ، ڪير بہ Perfect ڪونهي، ٿي بہ نٿو سگهي، تيڻ بہ نہ گهرجي. تڏهن بہ ٽوٽل Effect ٿنهي مجموعن جو چڱو مٿاهون آهي.

هن مجموعي مان صرف ڪجهہ ٿورا شعرئي مان توهان لاءِ ميڙي آيو آهيان. اهو بہ چوندس، تہ شاعرجي چاهي ها، تہ بندش گهڻو بهترٿي سگهي ها، ان لاءِ بس ٿوري ئي پاڙ ڪي، پنهنجي پرک ڪرڻي تي پوي. اڳتي اڳتي گوپ ڪمل اَڃا گهڻو ڪجهہ سنڌي شاعريءَ کي ڏيندو. توهان پاڙ ڪي، ڪنهن اڪيلائيءَ سان گڏ ويهاريندا تہ هن مجموعي کي هاڻي، ايترو تہ ضرور محسوس ڪندا تہ اسانجي سنڌي ٻولي هاڻي، سگهاري بڻي آهي، اڄ جي دؤر جي قدرن کي سڃاڻي بہ ٿي.

گوپ هڪ ڳالهہ تون ٻڌائيندين
تون ڪمل سان ڪڏهن ملائيندين

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**


**INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY**
**( BHARATI SINDHU VIDYAPEETH )**
**ONE OF INDIA'S LARGEST SINDHI INSTITUTIONS**
**BASED IN ADIPUR-GANDHIDHAM (KUTCH)**
**IS LOOKING FOR A**
# DIRECTOR
**TO ASSUME OVERALL COMMAND OF THE INSTITUTE**
WELL READ, WELL EDUCATED, WITH GOOD KNOWLEDGE OF IT
AND LOVE FOR SINDHI LANGUAGE CULTURE & HERITAGE
AND PROFICIENCY IN SINDHI AND ENGLISH LANGUAGES
IN AGE GROUP 45 TO 60 WILL BE PREFERRED
COMPENSATION PACKAGE WILL INCLUDE FAMILY ACCOMMODATION
AND SALARY COMMENSURATE WITH QUALIFICATIONS & EXPERIENCE
**PLEASE APPLY URGENTLY TO :**
**directorsindhology@gmail.com**

تبصرو (ڪوتائون) / نند جويري

# اَرون ٻاٻاڻي جي غُفا




سنڌي ساهت ۾ اَرون ٻاٻاڻيءَ جو آگمن تازو آهي. هن جون ڪويتائون پڙهندي، ائين ٿي ڀاسي ٿو تہ هنجون ڪجھہ ڪويتائون هر قائم روايت کان پري، چنتن ڪويتائون آهن. جيڪي دماغ ۾ درج ٿيل مواد مان نہ نڪري، اندرجي چيتنا مان اُڀرن ٿيون، شونيتا مان اُڀرن ٿيون. جنهن سبب نئين تازگيءَ سان اُڀرن ٿيون. اَهڙي ئي هن جي هڪ ڪويتا 'پنهنجي غفا' آهي. جيڪا شونيتا کان شروع ٿئي ٿي، ۽ آخر ۾ جڏهن ڪويتا پوري ٿئي ٿي تہ ڪويتا جا آخرين شبد ٻانڪ کي چپ ۾ آڻي ٿا ڇڏين. اِتي ٻانڪ چپ ۾ اَچي پنهنجي اندرجي آڪاس ڏانهن مُڙي ٿو. سو ئي مان ارون جو ڪويتائون پڙهندي پنهنجي اندرجي آڪاس ڏانهن مُڙان ٿو ۽ مان پنهنجي اندرجي آڪاس ۾ جو ڪجھہ پايان ٿو، سو ئي پيش ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيان ٿو ڪوي ڇوي ٿو :-

منهنجي اندر ڪوئيون آهن الڳ الڳ. ننڍيون وڏيون ڪوئيون، انهن ۾ رهن ٿيون ڪي ڌُنڌليون تصويرون. اونده آهي ڪوئين جي ڏرن تي، نالن جون پٽيون آهن سالين سال پراڻا نالا ڪاري، ٿيون ڏينهن اَڄُ سُياڻي پرهين ۽ روز روز مان ڪوئين جي در تي اونده ۾ ننڍي ڏيئي جي روشنيءَ ۾ نالا پڙهندي ڪجهه ڳولهيندو آهيان، پنهنجو ڪمرو منهنجي ڪوٺي پنهنجي غفا!

حقيقت اِها آهي تہ اک جي اڳيان جو ڪجهہ هوندو آهي، اک اُن جو ٢٠ سيڪڙو ئي پائي سگهندي آهي. پرپوءِ بہ اُهو ويهہ سيڪڙو هوبهو دماغ ۾ درج ڪونہ ٿيندو آهي. اک جو پاتل دماغ ۾ درج ٿئي اُن کان اڳ من اُن جو پنهنجن آشائن اِڇائن سان سمپادن ڪندو آهي، ۽ پوءِ ئي اُهو ڪُجهہ ڪٽيل، ڪُجهہ جڙيل دماغ ۾ درج ٿيندو آهي. ان دماغ ۾ درج ٿيل ڪي ڪوي 'ڌُنڌليون تصويرون' چوي ٿو، ننڍيون وڏيون ڪوئيون پڻ من ئي ناهيندو آهي. جيئن ڪامپيوٽر جي هارڊ ڊسڪ ۾ پنهنجو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو آهي، تيئن دماغ ڪي بہ پنهنجو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو آهي. دماغ وٽ اُهو ئي ٿيندو آهي جيڪو هن کي ٻاهر مان، من جو سمپادن ڪيل مواد ملندو آهي. دماغ ۾ درج ٿيل حاصلات وقت سان پراڻي ٿيندي آهي، جيئن ڪامپيوٽر جي حاصلات نئين حاصلات اڳيان پراڻي ٿي ويندي آهي.

انسان جي چيتنا سروَ وياپي، سروَلوڪِڪ چيتنا جو حصو آهي. ان سبب شايد ڪوي اُن کي ننڍڙو ڏيئو چوي ٿو. جيئن تہ چيتنا جي روشني مولِڪ آهي، بنا ڪنهن ٻئي آڌار جي آهي، سرو وياپڪ چيتنا جو اڻ ونڊيل حصو آهي، من اُن لاءِ ڪا بہ ڪوٺي ناهڻ لاءِ اَسمرٿ آهي. اِتي ڪوي پنهنجي چيتنا جي آڌار تي پنهنجي ڪوٺي ڳولهڻ ۾ اسمرٿ آهي. چيتنا هر حال ۾ اَسيم آهي، من هر حال ۾ سيمت آهي. اِهو ئي مان هن ڪويتا مان پايان ٿو.

**5-A, 66, Shyam Niwas,**
**Bhulabhai Desai Road,**
**Mumbai- 400026**

ڪٿ / ستيش روهڙا



**سنڌي ڪوتا جي سڌي راهہ مان ڦٽندڙ پيچري جو اهڃاڻ.**
**موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جو ڪتاب ’لائيف-چاڪليٽ-ڪوتا‘**

سنڌي ادب جو اتهاس ڄاڻندڙ سيني دوستن کي خبر آهي تہ ورهاڱي کان اول ئي شروع ٿيل ترقي پسنديءَ واري ويچار ڌارا ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ وڏي اُٿل سان وهڻ لڳي هئي ۽ ادب جي سيني صنفن ۽ خاص ڪري ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ تي ان ويچار ڌارا جو تمام گهڻو اثر ٿيو هو.

ورهاڱي کان پوءِ ٻہ ڏهاڪا ڪن ترقي پسند ڌارا جو زور رهيو ان کان پوءِ سنڌي ادب ۾ رومانوادي منووگيانڪ ۽ سماج جي ڀيٽ ۾ شخص جي اهميت واري ويچار ڌارا پنهنجو جلوو ڏيکارڻ شروع ڪيو. ان ڌارا جدت جو روپ ڌارڻ ڪري ورتو. جدت جي شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو اثر اهو ٿيو جو موزون يا بحر وزن واري شاعريءَ جي بدران آزاد ڪوتا لکڻ جو رواج وڌيو ۽ سنڌي موزون شاعريءَ جي وڏن وڏن شاعرن بہ آزاد ڪوتا لکڻ شروع ڪئي.

اميد اها ڪئي ٿي ويئي تہ جديد دور کان پوءِ ’بعد جديد‘ يعني Post modernisom جو دور شروع ٿيندو ۽ ڪن ڪهاڻين ۾ ان جي ڇٽي جهلڪ بہ پسجڻ لڳي، پر سنڌي شاعريءَ کي الائي ڇا ٿيو جو اها ٻہ دور پنٽي هٽي ويئي. اها موضوع جي خيال کان پلي ترقي پسند ڌارا تائين محدود نہ رهي هجي (هونئن بہ هرڪا ويچار ڌارا سيني دورن ۾ ٿوري گهڻي هلندي رهندي آهي) پر فارم جي خيال کان اها وري وڃي غزل جي گهيري ۾ بند ٿي. ان جا ٻہ مکيہ ڪارڻ آهن - هڪڙو مشاعري بازي ۽ ٻيو شعر لکڻ جي آساني.

سنڌي جڳت ۾ ادب پڙهڻ پلي ڪيترو بہ گهٽجي ويو هجي پر سيمينار ۽ ڪانفرنسون وڌيل آهن. اَهڙي هر گڏجاڻيءَ جو هڪڙو اهم اسم آهي مشاعرو.

مشاعري ۾ ان شاعر لاءِ ٿي گهٽيون تاڙيون وڄنديون آهن جيڪو ڌماڪيدار قافيا ڇوڙڻ جو هنر ڄاڻندو هجي. ڇوڙڻ جي ضرورت نہ آهي تہ اهو رڳو غزل ۾ ئي ممڪن آهي. ٻيو غزل اصولي طرح لکڻ ڪيترو بہ ڏکيو ڇو نہ هجي پر اهو عام طرح سان لکڻ آسان آهي ان ڪري اڄ ڪلهہ سنڌيءَ ۾ جيڪي بہ شاعريءَ جا ڪتاب نڪرن ٿا انهن ۾ تمام گهڻو تعداد غزلن وارن ڪتابن جو آهي ۽ هر ادبي مخزن جا گهڻا صفحہ بہ غزل وارين ٿا مثال لاءِ مشهور ٣ سنڌي ادبي مخزنون ڏسو.

١. 'رچنا' جولاءِ - سپٽمبر ٢٠١٤. ٧ غزل، ٻہ ڪوتائون هڪ جيا جي انواد ڪيل؛

٢. سپون-جولاءِ-آگسٽ ٢٠١٤، ١٠ غزل، ١. وائي ٢. ترائيل، ٤ ڪوتائون (انهن مان هڪ اول ئي ڇپيل)؛

٣. 'ڪونج' سپٽمبر - آڪٽوبر ٢٠١٤. ١١ غزل، ١ دوها سورٺا، گيت، ١ ڪوتا.

اڄين سنڌي شاعري، اڄ هڪ سڌي ليڪ تي هلندڙ شاعري بڻجي پيئي آهي. ڪنهن بہ ادب جي ڪنهن بہ صنف - يا وِڌا جو ائين لسي سنئين سڌي هلندڙ راهہ وِڌا جي وڪاس ۾ رنڊڪ آهي.

مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي ٿئي تہ اڄ منهنجي سامهون اهڙو هڪ ڪتاب آهي جيڪو ان سڌي ليڪ کان ڦٽندڙ نون پيچرن جا اُهڃاڻ ڏئي رهيو آهي ۽ اُهو ڪتاب آهي موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جو مجموعو **لائيف، چاڪليٽ-ڪوتا'**

هتي مان هنديءَ جي مشهور ڪوي ۽ آلوچڪ ڪيدارناٿ سنگهہ (جنهن کي تازو گيان پيٺ اوارڊ مليو آهي) جا اُهي لفظ دهرايان ٿو جيڪي موهن همٿاڻيءَ پنهنجي ڪتاب جي شروع ۾ لکيا آهن. موهن جي لکڻ موجب ڪيدارناٿ ساهتيہ اڪادميءَ دواران سڏايل پارٽي ڪوتا جي اُتسو وقت چيو هو تہ 'جي اسين پارٽي پاشائن جي ڪوتا جي مُلهہ - ڪٿ ڪريون تہ اَسين اهو چڱيءَ طرح ڏسي سگهندا اسين تہ پارٽي پاشائن جي ڪوتا ڪافي اَڳيان وڌيل آهي ۽ هندي ڪوتا حاشيءَ تي هلي ويئي آهي.'

موهن نہ رڳو سنڌي آهي پر سنڌي شاعر يا ڪوي آهي ان ڪري هن کي اهو ڏکيو لڳو آهي تہ سنڌي ڪوتا جي سگهہ بابت ڪو اٿوندڙ رايو ڏئي پر هن اشاري ۾ ئي، نمرتا سان ئي سهي، اهو چيو آهي تہ 'مشاعري جي ڪوتا کي ان ڪوتا کان الڳ ليکڻ جي ضرورت آهي جنهن ڪوتا سان ڪنهن ادب

جي معتبري ۽ قد ۾ اضافو ٿئي ٿو'. موهن جن سنڌي مجموعن جي ڳالهه ڪئي آهي اُهي به سچ ته ڪلهه جا شاهد آهن. اچ جي سنڌي ڪوتا جو وڏو حصو ليڪ ڪُٽيندڙ شاعري آهي. ها، ان جا واجب سبب ضرور آهن پر اُهي سبب سنڌي شاعريءَ جي گهٽجڻ جا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. اُهي ان جي پنتي موت ڪي جسٽيفاءِ ڪونه ٿا ڪن.

مان پنهنجي ڳالهه تي موٽان. مون ڳالهه تي ڪئي سنڌيءَ جي موجوده سنڌي ليڪ کان الڳ ڦٽندڙ پيچرن بابت ۽ ان حوالي ۾ مون موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جي مجموعي - ''لائيف - چاڪليٽ - ڪوتا -' جو ذڪر ڪيو آهي.

چاڪاڻ جو ڪنٽينٽ يا ٻوڌڪ سوچ يا احساس ڪي فارم يا اظهار کان الڳ ڪرڻ سولو نه هوندو آهي، ان حوالي ۾ موهن جي اظهار تي نظروجهجي ته ان جي سوچ احساس ڪي جاڻي سگهبو. اظهار جديد شاعرن ۽ موهن جو الڳ آهي. جديد شاعريءَ ۾ ڪيترا دفعا اظهار منجهيل يا وري بلڪل پاشائي بي پردگيءَ وارو هوندو هو - پر موهن جو اظهار اهڙو ڪونهي جو شعر پرولي لڳي يا دماغي ڪسرت ۽ اهڙو به ڪونهي جو ان ڪي شعر ئي نه سمجهجي. اظهار جي تفاوت جي ڪري موهن جي سوچ جو ڏراتل به جديد شاعريءَ کان الڳ آهي. ڪجهه مثال ڏسون -

وقت ڪيترو تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي ان جو احساس هنن سٽن مان ٿئي ٿو -

اڄ ته دل ڪولي ڳالهائي وٺون / ڪجهه سالن بعد / جڏهن اَسان / پاڻ ۾ ملڻ چاهينداسين / ته شايد / اينرو ڪمفرٽبلي / نه ملي سگهون / هڪ ٻئي ڪي / ٽالريٽ نه ڪري سگهون؟ / اَڄ ته دل ......

مطلب ته رشتا اڄ به ٿڌا ٿي ويا آهن پر ڪجهه سالن کان پوءِ ته شايد ويجها شخص به هڪ ٻئي سان سهج ٻڻجي ڳالهائي نه سگهن ۽ هڪ ٻئي جي وجود ڪي سهن نه ڪري سگهن ....

شاعر ڪي لڳي ٿو ته آئيندي جي پرشت سوچ لفظن جون معنائون خريد ڪري چڏيون آهن ۽ 'پاونا' ڪي هاڻي ڪا معنيٰ نه رهي آهي.

دل پنهنجيءَ مرضيءَ سان هلندي هجي چاهي نہ، شاعر جي دِل سچ تہ اجا ڌڙڪي رهي آهي ان ڪري هو چئي ٿو.

وقت - اکين ۾ تري آيل ڳوڙها هوندي بہ هلڻ لاءِ مجبور آهي، هن کي هلندو رهڻو آهي، هڪ لفظ جي معنيٰ کي بچائيندي (۽ لفظ آهي) 'اُميد'.

دنيا ۾ اڄ اَهڙا شخص وڏي رهيا آهن جيڪي سچي انسان ذات جي محبت ۽ ڀائيچاري جي ڳالهہ کن ٿا پر سندن پنهنجي شخصي زندگي ڇا آهي؟ شاعر اَهڙي هڪ دوست سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو -

دنيا جي ڳالهہ نہ ڪر / سُڪندي وڃي ٿي / ساوڪ تنهنجي اڱڻ جي / ٻوٽن کي پاڻي ڏيندو ڪر / مهرباني ڪر.

موهن جي ڪوتائن ۾ اڄ جي زندگيءَ جي عڪاسي جنهن شدت سان ٿئي ٿي اوتري ئي سندس سنويدن شيلتا بہ من کي ڇهي ٿي ۽ اُداس ڪري ٿي وڃي.

پُٽ ڪامپيوٽر اورئينٽيڊ ٿي ويو آهي. هن ڪامپيوٽر جي سسٽم بابت سموري ڄاڻ حاصل ڪري ورتي آهي. سسٽم ڪرپٽ نہ ٿئي ان لاءِ هن سسٽم ۾ اينٽي وائرس سافٽ ويئر بہ وجهائي ڇڏيو آهي. پر پيءُ کي احساس آهي تہ 'سسٽم' (انساني سماجڪ سرشتو - انساني مُلهہ) تہ ڪرپٽ ٿي ئي ويو آهي رڳو اهو آئينده ۾ وڌيڪ ڪرپٽ نہ ٿئي. ان ڪري پيءُ پٽ کي چوي ٿو -

سسٽم کي 'سيف موڊ' (بچاءَ واري اسٽيٽيءَ) ۾ رکجانءِ.

ڪوتائون مٽاڇري تي لڳن ٿيون تہ محض موجوده جيون جي الڳ الڳ اسٽيٽين - روپن جو عڪس آهن. شاعر نروڪار روپ ۾ انهن کي اظهاري رهيو آهي پر گهرائيءَ سان ڏسڻ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ انهن ۾ شاعر جي اُداس سنويدنا سمايل آهي. انهن ۾ سماجڪ سروڪار بہ ظاهر آهي. ليهہ لداخ جي ڳالهہ ڪندي شاعر چوي ٿو

سنو فال سبب مٿي وڃڻ جي پرميشن نہ ملڻ تي سيني جي چهرن تي مايوسي هئي پر برفاني چوٽيءَ تي اُڪري آيل مسڪراهٽ پسڻ وٽان هئي. (پيج ۱۴) مطلب تہ پهاڙ ان ڪري خوش آهن تہ هو شهر وارن جي پيرن هيٺان لتاڙجڻ کان بچي ويا !

نہ رڳو قدرت جي طرف پر عام ماڻهوءَ جي طرف بہ شاعر با خبر آهي. هڪ هنڌ هو چوي ٿو -

’عام ماڻهوءَ جي ڪيسي ۾ جيڪڏهن ڪجهه ربيا (مهني جي آخر ۾) باءِ چانس بچي ويندا آهن/ تہ هو / ٻارن کي سستي آئيسڪريم ڪارائي/ خوش ڪندو آهي/

’ماڻهو تہ چڏيو گهٽيءَ جو ڪتو بہ/ رات جو/ سمهڻ لاءِ/ اسپيس پيو ڳولهيندو آهي‘.

موهن جي ڪوتائن مان اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ اُهي اڄ جي شهري زندگيءَ جي نوس سچاين جون ڪوتائون آهن انهن ۾ ڪنهن نيتي، ڪنهن اصول، ڪنهن انساني مُلهہ، ڪنهن ڌرم جي ڳالهہ ڪانہ آهي. ها، انهن جي ٻاهرئين خشڪ تهہ جي اندر سنويدن شيلتا جي آلاڻ ضرورت موجود آهي. ها، ڪي ڪوتائون اَهڙيون ضرور آهن جن جي مٿان ڪنهن بہ سماجڪتا، مريادا، پاونا جو پڙدو پيل ڪونهي، اُهي تازي چاول ٻالڪ جيان آهن جنهن کي رڳو سنان ڪرائي اَڇو اُجرو ڪيو ويو هجي. هڪ اَهڙي ڪوتا آهي ’ٽيمپٽيشن‘. گرامر جي رچنا مان ظاهر آهي تہ هيءَ هڪ استريءَ جو مونوالگ يا خودزباني آهي.

’هوءَ بس/ ٻاڻ کي/ ٽيڻ ڏئي رهي هئي/ اڄ هوءَ / صرف ٻاڻ سان ئي گڏ هئي/ پنهنجين ترسيل تمنائن کي/ انجام ڏيڻ لاءِ اُڪسائيندڙ حالتن اڳيان (temptation)/ اڄ هوءَ / ٻاڻ کي ڇڏڻ کان/ نہ روڪي سگهي هئي/ هوءَ رڳو ٻاڻ کي ....

/ .... پيارڪان پري بہ/ ڪجهہ هوندو آهي / اهو احساس/ پوري طرح سان/ اَڄ ڪيس/ ٿي رهيو آهي/ ..... هوءَ فقط / پرڪشش/ جسم جي جڪڙ ۾ هئي/ هوءَ بس/ ان کي/ ماڻي رهي هئي/ ..... پنهنجي جسماني وٿيو (glamour) کي/ماڻڻ جي حد تائين/ محسوس ڪيو هو .

...... ۽ بس ٻاڻ کي/ ٽيڻ ڏئي رهي هئي.

هڪ اَهڙي ئي ٻي ڪوتا آهي ’چاڪليٽ-٢‘.

ڪجهہ سٽون ڏسو -

’ ..... هوريان هوريان /چاڪليٽ جو رئپر/لاهڻ شروع ڪيو/اڌ رئپر لاهڻ کانپوءِ/ چاڪليٽ کي/ ڪيتري دير تائين /نهاريندو رهيو ..... !/ جيئن ئي/ چاڪليٽ

ڪي چڪ پائي / مُنهن ۾ رکيائين / اکيون ازخود بند ٿي ويس (گويا ڪنهن آنند لوڪ ۾ پهچي ويو هجي) ’هائو يمي ..... ايتري وقت کان مان اهڙي چاڪليٽي آنند کان اڻ ڄاڻ رهيو آهيان / وڏو بيوقوف آهيان.

هرڪو پڙهندڙ اهو آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهي ٿو ته هيءُ ’چاڪليٽي مزو‘، ٿورن ربين ۾ ملڻ واري چاڪليٽ جو مزو نه آهي. هيءُ چاڪليٽي جسم ماڻڻ جو مزو آهي. جيئن ’ٽيمپٽيشن‘ ڪوتا ۾ ’هوءَ‘ پاڻ کي ٽيڻ ڏئي ٿي ۽ پيار کان پري محض ڀرپور جسم کي ماڻي رهي آهي تيئن چاڪليٽ ٢ ۾ پنجاه سالن کي پهتل ’هوءَ‘ ڏيري ڏيري رئپر لاهي پهرئين چڪ ۾ ئي آنند لوڪ ۾ پهچي ٿو وڃي. ۽ ائين سمجهڻ ٿو لڳي ته هو بيوقوف آهي جو اهڙي ’چاڪليٽي مزي‘ کان محروم رهيو آهي.

’چاڪليٽ - ٢‘ ڪوتا پڙهڻ کان پوءِ مان وري ڪتاب جي عنوان تي نظر وجهان ٿو - هاڻي مون کي عنوان وارا لفظ - لائيف -/ چاڪليٽ -/ ڪوتا -/ پاڻ ۾ جڙندا ڏسڻ ۾ اَچن ٿا.

موضوعن جي خيال کان موهن جون ڪوتائون مکيه طرح سان شهري، پڙهيل وچولي يا مٿئين وچولي طبقي جي ماڻهن جي مانسڪ اسٿتين جون ڪوتائون آهن جنهن طبقي ۾ ’مئريج‘ هڪ event يعني واقعو يا ڳالهه آهي جيڪا هرڪو ’مئنيج‘ نه ڪري سگهندو آهي - ان ڪري ’لِو - اِن‘ - گڏ رهڻ (شاديءَ کان سواءِ) مان ئي ڪم هلي ويندو آهي. هتي اهم ڳالهه ’پئڪيج‘ (ساليانو اجوري) جي آهي.

موهن جي ڪوتائن جو مکيه سُرُ برابر زندگيءَ ۾ وڌندڙ اَن بيگانائيءَ جو آهي جنهن ۾ زندگي بيحد ئي ياري بڻجندي ٿي وڃي. ائين ته ڪوتائن ۾ سماج جي موجوده حالتن جي پوري ايمانداريءَ ۽ بنا ڪنهن ڀاونا جي ذڪر آهي پر ڪن ڪوتائن ۾ شاعر جو سماجڪ سروڪار پوريءَ طرح سان ظاهر آهي. هڪ ڪوتا ’سٽي سندروم - ا (دهلي ڊسمبر ٦ ١) ان جو بهترين مثال آهي.

’ٽي. ويءَ تي / ڪن جانورن هٿان / هڪ ڇوڪريءَ جي / وحشانه ڍنگ سان / رتورت ٿيڻ (گئنگ ريپ) خبر ڏسي / شينهڻي / غصي ۾ ڀرجي ويئي / ۽ تعجب ڪندي / شينهن کان پڇيائين : ’اسان جي نسل ته / اَهڙي

ڪونهي/ هي ڪهڙي نسل/ جا جانور آهن؟' شينهن/ بنا ڪجهه چوڻ جي/ چپ چاپ/ ڪنڌ هيٺ ڪري/ هليو ويو.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هيءَ گهٽنا رڳو مڙدن نه سموري انساني نسل لاءِ شرمساريءَ جو باعث آهي.

ائين موهن کي ايشور لاءِ ڪو خاص - وشواس ڪونهي. جديد ادب ۾ ته ايشور لاءِ هڪ طرح سان نفرت جو جذبو هوندو هو پر موهن جي ڪوتائن ۾ ان نفرت يا ناراضپي طنز جو روپ اختيار ڪيو آهي.

'شَڪُني/ دريوڌن/ ۽ دشاسن/ جهڙن نامي جوئارين کان پوءِ/ جڏهن کان/ يڌشٽر نما (brand)/جوئارين جو دور آيو آهي/ هرڪو/ پاڻ کي/ ننڍو - وڏو جوئاري/ سڏائڻ ۾/ 'سوشلي' هڪ/ پوزيشن وارو جوئاري/ سمجهڻ لڳو آهي/ ان راند جو/ وڏو کلاڙي/ خود 'ايشور'/ جنهنجو ڪليگي نالو/ 'گاڊ' آهي/ (١٧).

موهن جون ڪوتائون رڳو موضوعن جي خيال کان ئي تيز ۽ شوخ نه آهن انهن جي اظهار ۾ تازگي ۽ تکي اُس جي چُڀ چُڀ آهي. انهن جو اظهار طنز پريو ڏنگيندڙ پر ٻوڌڪ سطح تي جاڳائيندڙ آهي. ڀاشا ۾ انگريزي لفظن جو استعمال چڱو آهي ۽ اهي لفظ سنڌيءَ ۾ هرويرو گهڻو استعمال ٿيندڙ نه آهن. ٽالريٽ، ڪمفرٽبلٽي، باءِ پاس سرجري، پيزا، برگر، هاٽ ڊاگ ته آهن ئي آهن، ڪامپيوٽر سان واسطيدار سمورا لفظ به اَچن ٿا. پر شاعر هرويرو ٻين لفظن کان پرهيز ڪندو هجي، ائين به ڪونهي. موهن جي ڀاشا ۾ تعلقات، تعارف لا تعلق جهڙا ڏکيا اڙدو لفظ به آهن ته 'ڪلاسو'، 'پيس' جهڙا سنڌي لفظ به آهن. شڌ سنڌي لفظ 'ڳالهڙي'ءَ کي به موهن جي ڪوتا ۾ جاءِ ملي ويئي آهي. انهن استعمالن سبب ڀاشا ڪافي جاندار ۽ فريش بڻجي پيئي آهي.

عام طرح سان موهن جون ڪوتائون سمبالڪ يا پرتيڪاتمڪ ڪونهن پر گهڻن ئي ڪوتائن ۾ لفظ پاڻ کان پري به معنيٰ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. ائين ئي ڪٽي ٿورو بيهي ڪري (١٢)، هولي (١١٣)، ٽيمٽيشن (٥٢)، چاڪليٽ -٢ (٥٥). وغيره مثالي ڪوتائون آهن.

پر موهن جي ڪوتائن کي پڙهندي هڪ ڳالهه ضرور محسوس ٿي ٿئي ته

گھٽيون ڪوتائون ڏاڍيان ٿيون ڳالھائين. ڏاڍيان ڳالھائڻ ڪوتا جو اهم گڻ نہ آهي. اهو شاعر جي ڪمزوريءَ ڏانهن اشارو ٿو ڪري تہ هن کي وشواس ڪونهي تہ هن جي ڪوتا جي ڏاڍيان نہ ڳالھائيندي تہ ان جو اثر نہ ٿيندو. حقيقت ۾ سنڌي ڪوتا يا شاعريءَ ۾ شاعري بازيءَ جي واڌ جو اصلي ڪارڻ ڌماڪيدار قافيہ ٻڌائي تاڙيون ٻڌڻ جو شوق بہ هڪڙو ڪارڻ آهي.

جوش سان گڏ موهن جي ڪوتا رچنا ۾ جڏهن گنڀيرتا، گهرائي ۽ باريڪي بہ اَچڻ لڳندي تڏهن سندس ڪوتا وڌيڪ نکري بيهندي.

**5, Maleer,**
**Adipur - 370205**

## مبارڪون



### واسديو 'سنڌو ڀارتي' کي مبارڪون

جئپور جي ڄاتل سُڃاتل سنڌيِ ۽ هِنديِ ڀاشا جي ليکڪ، اِسٽيج ۽ آڪاشوائيِ ڪلاڪار، ڪارٽونسٽ ۽ سنڌيت جي شيدائيِ واسديو 'سنڌو ڀارتيءَ' کي مرڪزي ساهتيہ اڪادميِ، نئين دهلي طرفان سندس سَموُري ٻال ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ سال ۲۰۱۴ جو - ۵۰۰۰۰ روپين جو 'ٻال ساهتيہ اوارڊ' ڏِيڻ جي پڌرائي ڪئي ويئي آهي. اِهو اوَارڊ کيس ۱۴ نومبر تي بئنگلور ۾ ڏنو ويو.

**سنڌالجي پريوار**

## توهان طرفان

## پروفيسر انور فگار هَڪڙو (شڪارپور - سنڌ)

رچنا جو ٢ ۴ ١ ١ انڪ (اَپريل -جون ۴ ١ ٠ ٢) محترم خليل مورياڻيءَ کان مليو، اهو ثميره زرين نمبر ڪري شايع ڪيو ويو آهي. ان لاءِ مون وٽ تہ نہ اکر آهن، نہ لفظ جو توهانجا ٿورا مڃان. سڄي شڪارپور ۽ سنڌ ٿورا ٿي مڃي. توهان نہ رڳو ثميره جي خذمتن ۽ ادبي شيوا کي قدر جي نظر سان ڏسي کيس مڃتا ۽ شرڌانجلي ڏني آهي، پر سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ شعور واري دور کي مڃتا ڏني آهي ان لاءِ دل جي گهراين سان توهان کي جس هجي ۽ توهانجي ان ڪئي تي سلام! اميد تہ قبول ڪندا.

ثميره سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهڙي دور جي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن دور کي اسان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي لحاظ کان نهايت اهم ۽ شعور وارو دور سڏي سگهون ٿا. ڇو تہ ٻن عظيم جنگين جي تباهيءَ کانسواءِ سنڌ جي ڏيهي اديبن ۽ شاعرن جو پرڏيهي ٿيڻ ڪري جيڪو گهڻ طرفو نقصان ٿيو، تنهن جو خال پرڻ لاءِ ان دور جي قلم ڏڻين جيئن احساس ۽ ادارڪ جو اظهار ڪري تخليق ۽ تحرير کي نئون پنت ۽ پيچرو ڏنو. ان لاڙي ۽ شعور ڪري آءٌ ان سموري دؤر کي ادب جو شعور وارو دور سڏيندو آهيان. ان دور ۾ سنڌي ادب ۾ جيڪو ڪجهہ تخليق ٿيو يا تحرير ڪيو ويو، سو هر لحاظ کان ادب جو اهم اثاثو آهي. افسوس جو ان دور کي نہ محقق ملي سگهيو آهي ۽ نہ نقاد! ثميره زرين جو فن بہ ان ڪري گهربل مقام کان پري رهيو آهي. جيتوڻيڪ Solilaquy جي صنف Dramatic Monologue جو استعمال ڪري نئين زندگي جي اپريل ١٩٥٧ع ۾ ڇپيل افساني ’ڪتيم ڪين ڪي‘ جي بيهڪ Structure سان هڪ انوکو ۽ اعتماد ڀريو تجربو ڪيو آهي، جنهن تي کيس لک شاباسون هجن. هونءَ بہ هن جي مطالعي جي وسعت هن کي جيڪو ڪامل اظهار ڏنو هو. ثميره ادب جي فطرِي مزاج، تاريخ جي اٿل پٿل ۽ سماج جي ڦرندڙ چرخي ۽ ظاهر ٿيندڙ تند جِي تَڪ تور ڪرڻ ۾ وڏي قابل هئي. بيشڪ هوءَ سنڌ جي حقيقي عورت جي اَهڙي علامت هئي، جنهن جي هستيءَ جا سيئي رخ روشن هئا، جن مان سندس سهڻي سرير جا رنگ سنسار کي سهائي رسائيندا رهيا. هن جو ادب ۽ تخليق ڏانهن رويو قابل ذڪر ۽ قابل قدر آهي.

اوهان رچنا انڪ جي اشاعت سان سنڌي زبان جي نئين نسل کي ثميره ڏانهن متوجہ ڪرڻ جي جا ڪاريہ ڪئي آهي، سا لاشڪ ثميره جي فن کي

وري ڏسڻ ۽ ان لاءِ نوان رايا قائم ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. اوهان پنهنجو ڪم ڪري ذميواري نباهي آهي، شال پانڪ بہ ذميواري نباهين.

## ڪي. ڊي. چندناڻي (چرڏداس) سورت

رچنا جو اَپريل -جون ٢٠١٤ جو پرچو پيڻ ثميره زرين پرچي جي روپ ۾ ڇپي توهان تمام سندر ڪاريہ ڪيو آهي. سنڌ جي هڪ مهان ليکڪا، اديبا جي ڄاڻ، آتم ڪٿا پاڻکن اڳيان پيش ڪئي آهي. ان لاءِ توهان جس جا پاتر آهيو.

پرچي جي فرنٽ پيج تي پيڻ ثميره زرين جو فوٽو ڏسي ليکڪ کي لکيل سندس خط (جيکي ١٩٦٥ کان ١٩٧٠ تائين ايندا رهيا ۽ پوءِ بند ٿي ويا. افسوس اٿم تہ اهي خط اڄ مون وٽ موجود ڪونہ آهن) ۾ ورتل ڪيل سندس دلي سڪ ۽ اُڪير هڪ پيڻ جي ڀاءُ لاءِ، اُن جي ياد تازي ٿي ويئي.

سندس فوٽي کي ڏيان سان ڏسندي مون محسوس ڪيو تہ سندس اکين مان ملير جي ماروئي جي معصوميت، سڪ، پنهنجائپ، اُڪير ۽ گهري روحاني احساس جي جهلڪ، ويدنا سان گڏ ليئا ٿا پائين.

## جئرام چمناڻي 'ديپ' (اَحمدآباد)

رچنا -١٤٢ پرچو ساهت ۽ ڪلا جي خوشبوءِ کڻي آيو آهي. هيءُ سارو ۽ سڄو پرچو ثميره زرين کي ڀيٽ ڪيو ويو آهي. خليل موريا ڻيءَ هن پرچي کي سهڻي نموني ايڊٽ ڪيو آهي.

هن انڪ ۾ محمد ابراهيم جويي، حميد سنڌي، ولي رام ولڀ، ماهتاب محبوب ثميره جي ادب ۽ حياتيءَ جي باري ۾ پنهنجا مختصر تاثرات پيش ڪيا آهن تہ فهميده حسين، سندري اُتمچنداڻي ۽ نثار حسيني ثميره زرين جي ادبي شخصيت ۽ حيثيت جي ڪافي ڄاڻ ڏني آهي.

ثميره جي ڪهاڻي 'وطن' حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي هندن ۽ سنڌي مسلمانن جي پريم جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اهو بہ اشارو ڪيو ويو آهي تہ مهاجر ماڻهو وانگر ساري سنڌ کي ڪائي ويا آهن. هڪ هنڌ ثميره لکي ٿي. 'شفيق چوڻ لڳو وطن آهي تنهنڪري ڇڏي نٿو سگهجي باقي پارٽيشن کان پوءِ تہ اسان جي سنڌ تباهہ ٿي وئي.' سنڌ جون حالتون هاڻي بہ ساڳيون آهن. بحرحال ثميره زرين 'وطن' ڪهاڻي سنڌين کي تحفي طور ڏيئي وئي آهي.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Visit our upgraded website: www.RomanizedSindhi.org

# سنڌ جي اديبا ثميره زرين جي
# شيام جئسنگهاڻيءَ ڏانهن لکيل خط مان .....





## هڪجهڙائي

جيڪي مونکي سڃاڻندا آهن ۽ جن کي اها به خبر آهي ته مان لکندي آهيان - تن جو چوڻ آهي ته مون ۾ ادبيت جو نالو نشان به نظر نه ايندو آهي (افسوس!) جن پارٽين ۾ منهنجي مووومينٽ آهي اُتي اڪثر ادبي ماڻهو ڪونه هوندا آهن. ۽ مون ائين سيني وٽ پاڻ کي اديب سڏائي رعب جمائي داد وٺڻ پسند نه ڪيو آهي - پنهنجو اديب پڻو مڪمل طور ويڙهي ڪنهن ڪنڊ ۾ اُڇلائي مان اُنهن محفلن ۾ شرڪت ڪندي آهيان. اَهڙي وقت جي ڪوئي ڪنهن اديب يا ادب ۾ دلچسپي رکندڙ کي ٻڌائي ته، ’ڏس،هوءَ ثميره آهي.‘ ته ٻڌي شايد ڪانئس ڇرڪ پرجي وڃي. ’منهنجا خدا! جي اَهڙا بي ادب قسم جا ماڻهو به اديب ٿي سگهن ٿا ته پوءِ يقينن ادب جو ٻيڙو غرق سمجهڻ کپي!‘

## چوڪري هئڻ جي ناخوشي ......

...... توهانجي اها پيڻ چوڪري هئڻ ۾ الاجي ڪهڙي سبب ناخوش هئي. اَلبته مونکي اُن لاءِ ٻيا سبب آهن : هيءَ سموري دنيا، اُنجا عجائب، سونهن ۽ بدصورتي سڀ ڏسي سگهان. گذريل دؤر جي شاندار تاريخ جا مظهر ملڪ روم، اسپين، يونان، مصر وغيره. ۽ هتي چوڪريون اڪيلو گهمي نه سگهنديون آهن. چوڪرين وٽ زندگيءَ جو ڏاڍو سڌو سنئون ۽ سهڻو تصور هوندو آهي. هنن دنيا جي هر دؤر ۾ ايڏو سنو آهي، جو ڪين خواب ڏسڻ جي شايد ضرورت آهي به -

(۲۰ مارچ ۱۹٦۸)

Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

*Dada J.P. Vaswani*

**RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION**
**DUBAI**

جَڙيَنِ، شادي، چنڊ تي، ڍَا ڀرائڻا ڪڍن،
هٿ ۾ ڏونڪا،تال تي، ڍَا مستن جيان نچن،
نچندي ڇيڄ وجهن، سنڌي منهنجيءَ سنڌ جا.




*With Best Compliments from*

# Lal Hardasani

**G.P.O.Box 9991**
**Hong Kong**
**Tel No. (Off.) 852-2850 5666**
**Fax No. (Off.) 852-2851 7061**
**Mobile No. - 9092 7864**
**Email-lal@lals-insurance.com**

جُهمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالهہ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالهہ يا ڍولڪ بہ وڄائن تہ منڍي منڍي سُرَ ۾ لاڏو يا سهرو بہ چون. زالن جو پيو جُهنڊ پيراڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُهمر سونهن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي





*With Best Compliments from*

# Notan Tolani

**P.O.Box: 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd.T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : notan@solartimeltd.com**

**With Best Compliments from :**

# CHHATLOK POONAM FOUNDATION

*Trustee*
**JATWANI FAMILY**

**Office :** 280 L. T. Marg, Ramchandra Building, 2nd Floor,
Opp. G. T. Hospital, Mumbai - 400 002.
**Hall :** Lok Hit Kutir Hall, 528 A/B 16th Road, Opp. B.P.M. High School,
Danda Road, Khar, Mumbai - 400 052.
Office Tel.: 22083278 / 22080351 HALL Tel.: 26045700
E-mail : loksons@bom2.vsnl.net.in

Lakhmi Khilani's "Sindh Yatra" with his wife Vashdevi from 15th Dec. to 30th Dec. 2013



With eminent Sindhi Writers Mohamed Ibrahim Joyo, Taj Joyo, Mahtab Mehboob, Hamid Sindhi, Adal Soomro, Ayaz Gul, and Amar Jaleel at Hyderabad, Sukkur and Karachi




**Sahit ain Kala ji RACHNA** Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540